# سرسو

## ڀهراڙي جي ترقي ۾
## اوهان جو مددگار ادارو





جنوري کان جون 2018

**سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن**

اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري
جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن.
(القرآن)

## هن شماري ۾......


- ايڊيٽر پاران ........ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ........ 3
- بلاول ڀٽو زرداري پاران سنڌ جي ڇهن ضلعن ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام جي افتتاحي تقريب جو اکين ڏٺو احوال........ 4
- برطانوي وفد جو شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي بزرگ تنظيمن جو دورو ........ 12
- ڪلسٽر اسڪول ڳڙهي صاحب خان ۾ ايوارڊ تقريب ........ 15
- بزنس ڊولپمينٽ گروپ ٿانوري جاگيراڻي ........ 17
- پروگرام فار امپروڊ نيوٽريشن ان سنڌ ........ 19
- ”سرتيون سنگ“ هُنري نمائش ........ 20
- لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ’’اتحاد‘‘ گهوٽڪي جي آفيس جو افتتاح ۽ ”ايل ايس او ڪانفرنس“ ........ 23
- ننڍي سطح جي قرض مان حاصل ڪيل فائدو ........ 25
- سرسو جي سرگرمين جو تصوير نامو ........ 27
- بينظير انڪم سپورٽ پروگرام وسيلہ تعليم پروجيڪٽ جيڪب آباد جي ابتدائي تقريب ........ 31
- سنڌ بيسڪ ايجوڪيشن پروگرام ........ 34
- محنت جو ثمر ........ 38
- ڪميونٽي ڪانفرنس ايل ايس او نئين روشني ........ 40
- غربت مان آجپو ممڪن آهي! ........ 42
- صحت ڪارڊ مان حاصل ٿيندڙ فائدا ........ 45
- ننڍو قرض - وڏو فائدو ........ 47
- سنڌي ٻوليءَ جو وڌندڙ بگاڙ ۽ نئين پيڙهي ........ 49



رابطي لاءِ ڏس پتو

**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**
سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر.
فون: 071-56271820 فيڪس: 071-5627182-111
ويب سائيٽ www.srso.org.pk

هيڊ آفيس **سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**
سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر


ڇهه ماهي

# سرسو

جنوري 2018 ڪان جون 2018


### ايڊيٽر
**نويد اسحاق ميمڻ**
سينيئر مئنيجر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

### ايڊيٽوريل بورڊ
**نياز احمد هنگورو**
ريجنل مئنيجر - II
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**زبير سومرو**
مئنيجر آءِ.ايم.ايس.ڊي
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**غلام رسول سميجو**
ٽيم ليڊر PPRP
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**بابر جاگيراڻي**
پروگرام آفيسر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**عبدالوحيد پرڙو**
ڊسٽرڪٽ مئنيجر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
**بخت علي ابڙو**
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

# ايڊيٽر پاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ترقيءَ جي راهه کان هٽيل طريقن، ريتن ۽ ٻي جا رسمن بجاءِ ترقيءَ جا اهڙا طريقا ۽ نظام متعارف ڪرائجن، جن سان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جي مٿان غربت جي چڙهي ويل ڌڙَ کي لاهي صاف ڪجي ۽ ڳوناڻن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت واري فلسفي جي اصولن تي هلندي ڪين ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪندي ڪاميابين جا نوان داستان رقم ڪجن.

چوندا آهن ته تبديلي لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي پر مان ان ڳالهه ۾ ٿورو واڌارو ڪندس ته تبديليءَ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ته ڪرڻي ئي پوندي آهي پر جڏهن اها تبديلي فردن بجاءِ سموري معاشري سان وابسط هجي ۽ ان تبديلي جو مقابلو سماج ۾ سوَن سالن کان پاڙون مضبوط ڪري بيٺل ناقص نظام سان هجي ته پوءِ ان تبديليءَ لاءِ مستقل بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن تبديليءَ جي انهيءَ سفر ۾ ڪي رڪاوٽون اچي ويون ته پوءِ اهو سفر اجان به گهڻو ڏکيو ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري اهڙي ڏکئي سفر تي هلندي اسان کي پنهنجون حڪمتِ عمليون به تمام گهڻي مهارت سان جوڙڻ جي ضرورت آهي. سرسو سان سلهاڙيل ٽيم نه صرف تجربيڪار آهي پر باهمت پڻ آهي. جنهن ۾ مسڪين ماڻهن جي تڪليفن کي ختم ڪرڻ جو هڪ جذبو موجود آهي. جيئن ته سرسو ۾ موجود محنتي، تجربيڪار ماڻهن ۽ خاص ڪري محمد ڏتل ڪلهوڙي جي قيادت ۾ جهڙي طرح سرسو تيزي سان وڌي رهي آهي ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت خلاف جهاد جي الم کي اونچو رکيو ويني آهي تنهن جو مثال مشڪل سان ئي ملي ٿو.

اسان سرسو سان سلهاڙيل اهڙن ئي ڪردارن کي منظرِ عام تي آڻيندا آهيون ۽ اسان جو اهو عزم هوندو آهي ته جن ماڻهن سرسو جي ڏنل تبديلي ۽ ترقيءَ جي رستي تي هلندي ڪاميابيون ماڻيون اسان انهن ماڻهن جي ڪيل جاکوڙ ۽ محنتن کي ٻين تائين پهچايون ته جيئن انهن ماڻهن جي همٿ، جذبي ۽ سندن زندگيءَ ۾ آيل تبديلين کي ڏسندي ٻيا ساٿي پڻ غربت خلاف جنگ واري ترقياتي پروگرام سان ڳنڍجي وڃن ۽ نه صرف پنهنجو ۽ پنهنجي گهر جي حالتن کي بهتر ڪن پر ان سان گڏوگڏ هن سماج جا ڪارائتا فرد پڻ بڻجن.

اميد آهي ٿا ته اسان جو هي سفر جاري ۽ ساري رهندو ۽ اوهان جي ڪيل محنتن کي سرسو جيڪا مڃتا ڏني آهي ۽ اسان کي يقين آهي ته سنڌ جي هر واهڻ وستيءَ ۾ رهندڙ غريب ماڻهن کي هڪ ڏينهن ضرور ماڻُ ملندو ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ تحت جي عزم سان هڪ ڏينهن ضرورو ڪاميابيون ماڻيندا.

**نويد اسحاق ميمڻ**

# پيغام

سنڌ جي غريب ماروئڙن جو تعلق ٻهراڙين سان آهي. اسان جا ڳوٺ واهڻ ۽ وستيون بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهن، جتي صحت، تعليم، روڊ رستا، روزگار جا وسيلا نه هجڻ جي برابر آهن. اتان جا غريب ماڻهو، جيکي بيرزگاري ۽ غربت جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل آهن، انهن جي معاملن کي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن غريب ڳوٺاڻن لاءِ روشن سج جيان اميد جو هڪ ڪرڻو آهي. هي ادارو انهن غريب ڳوٺاڻن خاص طور تي عورتن جي جاڳرتا ڪندي سندن لڪيل صلاحيتن کي اياري ٿو ته جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهندي پنهنجي آمدني وڌائيندي غربت کي نيڪالي ڏئي سگهن.

سرسو اهڙو ڪم سنڌ جي 15 ضلعن ۾ صحت، تعليم، زراعت، مال مويشي، هنري ۽ سلائي ڪڙهائي، فني سکيا ۽ ڳري مشينري جي ڊرائيونگ وغيره جي مدد ۾ غريب ماڻهن سان گڏجي سڏجي ۽ سلهاڙجي ڪم ڪري رهي آهي ته جيئن سندن زندگي ۾ آسودگي جهڙو خواب ڏسي سگهجي. ۽ سرسو جا سماج سڌارڪ ڏينهن رات غريبن کي منظم ڪندي ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهي رهيا آهن ته جيئن منظم ٿيندي سندن جي زندگين مان نااميديون، نراسايون، مفلسيون ختم ڪندي ڪين خوشحال ۽ پرامن زندگين طرف وک وڌرائي سگهجي. ۽ هو آمدني ڪمائندي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن لاءِ ڪارآمد ۽ مستقبل جا معمار ثابت ٿي سگهن.

اسان جون ڪيل ڪوششون روشن سج جيان سيني جي اڳيان آهن جنهن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صاحب اختيار ادارن، سرڪار ۽ ڳوٺاڻن جي مدد ۽ ساٿ جي اجان به وڌيڪ ضرورت آهي.

مان اميد ٿو ڪريان ته اهڙي جدوجهد جاري ۽ ساري رهندي ۽ پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان جا ڳوٺاڻا ترقي يافته ڳوٺن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا.

ساٿ سلامت

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيسن سکر

# بلاول ڀٽو زرداري پاران سنڌ جي ڇهن ضلعن ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام (UCBPRP) جي افتتاحي تقريب جو اکين ڏٺو احوال

جميل سومرو




سنڌ رورل سپورٽ آرگنائزيشن . سرسو پاران سکر ۾ هڪ پُروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جو مهمانِ خاص پيپلز پارٽي جو چيئرمين محترم بلاول ڀٽو زرداري هو. تقريب جو مقصد سنڌ جي ڇهن ضلعن خيرپور، سانگهڙ، ميرپورخاص، ٺٽو، بدين ۽ عمرڪوٽ ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام جو افتتاح ڪرڻ هو. هن پروگرام تحت ستن لکن کان وڌيڪ گهراڻن کي غربت جي گهٽائڻ واري پروگرام (UCBPRP) ۾ شامل ڪيو ويندو. جنهن ۾ ننڍي پئماني تي بنا وياج جي قرض وسيلي هو پنهنجا ڪاروبار شروع ڪري هڪ نئين خوشحال زندگي جي شروعات ڪري سگهندا.

تقريب ۾ اُتر سنڌ جي مختلف ضلعن کان کهي آيل هزارين عورتن شرڪت ڪئي. تاڙين جي گونج ۾ اسٽيج سيڪريٽري ڊاڪٽر غلام رسول سميجي جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي اسٽيج تان ڊائيس تي اچڻ جي گذارش ڪئي ته سندس سيني شرڪت ڪندڙن اُٿي بيهي شاندار استقبال ڪيو.

تقريب کي خطاب ڪندي محترم بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو سمورو سياسي سفر ملڪ ۾ سماجي انصاف قائم ڪرڻ جو سفر رهيو آهي. اسان جي اها ڪوشش رهي آهي ته معاشري ۾ مساوات قائم ڪئي وڃي. تاريخ گواهه آهي ته اسان هميشه عوام ۽ خاص طور تي عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ۽ غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي عورتن کي بااختيار ڪرڻ ۽ انهن جي وقار لاءِ نه صرف اسيمبلين







مان قانون سازي ڪرائي بلڪ غريب عورتن جي فلاح ۽ انهن کي مالي طور تي مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ پروگرام پڻ جوڙيا.

محترم بلاول چيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي حڪومتي دؤر ۾ ملڪ ۾ پهريون دفعو بنيادي انقلابي قدم کنيا. اهڙي طرح شهيد محترمہ بينظير ڀٽو عورتن کي انهن جا حق ۽ معاشري ۾ ڪين جائز مقام ڏيارڻ ۾ تمام اهم قدم کنيا. محترمہ پنهنجي دؤرِ حڪومت ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز، وومين پوليس اسٽيشن ۽ فرسٽ وومين بئنڪ جهڙا عورتن لاءِ ادارا قائم ڪري هڪ مثال قائم ڪيو. هن چيو تہ صدر زرداري جي پوئين دور حڪومت دوران بينظير انڪم سپورٽ پروگرام BISP جهڙا انقلابي پروگرام پڻ شروع ڪيا ويا. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام دراصل هن ملڪ کي سوشل ويلفيئر اسٽيٽ بڻائڻ لاءِ پهريون قدم هيو. جيڪا غربت جي خلاف جنگ ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جو منصوبو آهي. مان اهو فخر سان چوان ٿو تہ BISP سوشل ويلفيئر تحت اهڙو پروگرام آهي جنهن کي پوري دنيا ساراهيو آهي ۽ انشاءالله 2018ع واري اليڪشن ۾ اوهان سڀني جي حمايت سان اسان اقتدار ۾ اچي هن پروگرام کي وڌيڪ وسيع ۽ فعال ڪنداسين.

هن چيو تہ پ پ پ اهو سمجهي ٿي تہ هڪ جمهوري سماج ۾ مقامي طور تي نهيل سماجي تنظيمون ۽ غيرسرڪاري تنظيمون نهايت اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. انهن آرگنائيزيشن جو ڪردار جتي ماڻهن کي منظم ڪرڻ هوندو آهي. اُتي اِهي مقامي مسئلن کي بہ حل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. پر بدقسمتي سان ڪجهہ جماعتن اين جي اوز جي خلاف سخت قدم کنيا. جڏهن تہ پ پ پ غيرسرڪاري سماجي تنظيمن سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو تہ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جا گهڻا فائدا هوندا آهن. جنهن ۾ سروس ڊليوريءَ جو بهترين هجڻ شامل آهي، جنهن سان ڪاروبار کي فائدو ٿيندو آهي، جيڪو سٺو عمل آهي.

بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو تہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي تہ سنڌ حڪومت فلاحي ادارن سان گڏجي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت مالي فائدا هرگز حاصل نہ ڪرڻ بلڪ قوم جي فلاح لاءِ ڪم ڪري ٿي. اهوئي سبب آهي جو پ پ هميشہ اهڙن ادارن جي حوصلا افزائي ڪندي آئي آهي ۽ انهيءَ بنيادي اصولن تحت سنڌ حڪومت، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) کي مالي ۽ انتظامي سپورٽ فراهم ڪندي يونين ڪائونسل سطح تي غربت جي خاتمي واري پروگرام تي عمل ڪري هڪ روشن مثال قائم ڪيو آهي.

هن چيو تہ 2009ع ۾ سنڌ جي ڇئن ضلعن لاءِ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام شروع ڪيو ويو. هن پروگرام تحت 6 هزار ڳوٺن ۾ مقامي سماجي تنظيمون ٺاهيون ويون ۽ انهن تنظيمن ذريعي چار لک گهراڻن تائين رَسائي حاصل ڪئي وئي ۽ مختلف پروگرامن ذريعي غربت ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ بهترين قدم کنيا ويا.

بلاول چيو تہ مان سنڌ حڪومت ۽ سرسو سان لاڳاپيل ذيلي تنظيمن کي خِراج تحسين پيش ڪيان ٿو. جن هِن پروگرام کي ڪامياب بڻايو ۽ اڄ اِهو پروگرام ٻين ضلعن تائين پکيڙجي چڪو آهي. مون کي خبر آهي تہ 2016ع تائين اِهو پروگرام ٻارنهن ضلعن جي 42 تعلقن ۽ 395 يونين ڪائونسلن تائين ڦهلجي چڪو هو. جنهن مان ڇهن لکن کان وڌيڪ خاندان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ ان جو تعداد وڌي ٻارنهن لکن تائين پهچي ويندو. جنهن مان 11 لک خاندان غربت کان ٻاهر نڪري ايندا. بنا وياج قرض ڏيئي عورتن جي مالي مدد ڪئي وئي جنهن مان انهن مال مويشي، زراعت، سلائي ڪڙاهي ۽ دڪان کولي پنهنجا ذاتي ڪاروبار شروع ڪيا.

هن چيو تہ جيئن ڪشمور واسي پروين خاتون مال مويشي جو ڪاروبار شروع ڪيو، شڪارپور واسڻ نواب خاتون ڪپڙي جو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ جيڪب آباد جي رهواسڻ مسرت ابڙو سِلائي ڪڙاهي ڪري سٺي آمدني ڪمائي رهي آهي.

سڀ کان سُٺي ڳالهہ اِها آهي تہ هي 97% سيڪڙو عورتن پاران ورتل قرض واپس ڪيو ويو آهي.

هن چيو تہ 2017ع ۾ سنڌ حڪومت هن پروگرام ۾ وڌيڪ رقم رکي جنهن سان هن پروگرام کي سنڌ صوبي جي وڌيڪ ڇهن ضلعن ۾ پکيڙيو ويو آهي. هن پروگرام جي شفافيت سبب ڏيهہ توڙي پرڏيهہ جون تنظيمون هن پروگرام کي سپورٽ ڪري رهيون آهن.

هن عورتن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ سنڌ جي ارڙهن ضلعن ۾ عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ غربت ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ هي پروگرام ماشاءالله وسيع ٿيندو پيو وڃي. سنڌ حڪومت هن پروگرام لاءِ مالي وسيلا مُهيا ڪري رهي

آهي ۽ اسين چاهيون ٿا ته هي پروگرام ايندڙ سالن ۾ 20 لک غريب گهراڻن ۾ معاشي ۽ ڪاروباري معاونت ڪي يقيني بڻائي. هن پروگرام تحت ڳوٺاڻين عورتن ڪي بنا وياج قرض فراهم ڪيا ويندا، جنهن مان اُهي پنهنجا روزگار شروع ڪري سگهنديون ۽ پنهنجي خاندان جي مدد ڪرڻ سان گڏ معاشري جي بهتريءَ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار پڻ ادا ڪري سگهنديون.

هن چيو ته اوهان سڀ ڄاڻو ٿا ته مُسلم ملڪ جي پهرين عورت وزير اعظم شهيد محترمہ بينظير ڀٽو هئي جيڪا پ پ جي اڳواڻ پڻ هئي. اسان عورتن ڪي بااختيار ۽ باوقار مقام ڏيارڻ جو عزم پنهنجي خونَ ۾ ڪٽي جوان ٿيا آهيون. مان توهان سان واعدو ڪيان ٿو ته پ پ ۽ سنڌ حڪومت اهڙن ادارن جي سرپرستي ڪندي رهندي جنهنجي



ذريعي هيٺئين سطح تائين عورتن ڪي بااختيار بڻائڻ جي تحريڪ پيدا ڪري سگهجي. مالي طور تي مستحڪم هڪ عورت پوري خاندان ڪي سنڀالي سگهي ٿي. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ترقياتي ماڊل ڪي سنڌ جي سڀني ضلعن ۽ ڀهراڙين تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي.

هن چيو ته هاڻي عوام ڪي فيصلو ڪرڻو پوندو ته اُهي ميٽرو بَسون چاهين ٿا يا خيبرپختونخواهہ جا وڻ چاهين ٿا يا غربت ڪي ختم ڪرڻ چاهين ٿا. اسين اُتي اسپتالون ناهيندا آهيون جتي مريضن جو مفت علاج ٿيندو آهي. اسان غربت ڪي گهٽ ڪرڻ ۽ باوقار روزگار ڏيارڻ لاءِ اهڙا پروگرام ڏيندا آهيون. اسان پهريون بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) ڏنو جنهن ذريعي غريب ترين عورتن جي مالي مدد ڪئي وئي ۽ اڄ سرسو ذريعي عورتن ڪي بنا وياج قرض ڏنا ويا آهن جنهن مان انهن پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. جنهن ذريعي پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي غربت گهٽائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

محترم بلاول چيو ته مان سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي پوري ٽيم ڪي مبارڪباد ڏيان ٿو. جنهن مقامي سطح تي غربت گهٽائڻ جهڙن قدمن ڪي پنهنجي سماجي تحرڪ جو حصو بڻايو. مان وزير اعليٰ ڪي بہ مبارڪباد ڏيان ٿو، جنهن يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام ۾ مالي ۽ انتظامي مدد فراهم ڪئي.

مان سنڌ جي اڳوڻي وزير اعليٰ سيد قائم علي شاهہ صاحب ڪي بہ خراج تحسين پيش ڪيان ٿو. جنهن 2009ع ۾ هي پروگرام شروع ڪيو. اڳوڻي وزير اعليٰ سان مخاطب ٿيندي چيائين قائم علي شاهہ صاحب! ڏسو اڄ توهان جي ڪوشش سان 6 لک خاندان هن پروگرام مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. مون ڪي يقين آهي ته اسان سڀئي گڏجي غربت ڪي ختم ڪري عورتن ڪي محرومين جي ڄار مان آزاد ڪرائي سگهون ٿا. آخر ۾ اهو چوندس ته هڪ آمر ۽ دهشتگردن پاڻ ۾ گڏ ٿي منهنجي ماءُ ڪي مون کان کسيو. مان هِنَ ملڪ جي هر ماءُ ڪي پنهنجي ماءُ سمجهان ٿو، منهنجي لاءِ هن ملڪ جي هر ماءُ بينظير آهي.





پيپلز پارٽي جي اڳواڻ محترمه فريال ٽالپر پنهنجي خطاب ۾ چيو ته جڏهن تبديلي جي ڳالهه ٿيندي آهي ته گهڻيون ئي جماعتون دعويٰ ڪنديون آهن. پر حقيقت اِها آهي ته سڀ کان وڏي تبديلي اها آهي جو اڄ ٻهراڙيءَ جون عورتون اسٽيج تي اچي پنهنجا مسئلا پاڻ ٻڌائڻ سان گڏوگڏ انهن کي حل ڪري رهيون آهن. اهائي تبديلي بينظير ڀ ٽ و جو خواب هو. جنهنجي اڄ تعبير نظر اچي رهي آهي. محترم آصف علي زرداري جو به اِهو ئي خواب هو ته گهرن ۾ بند عورتون ٻاهر نڪرن ۽ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪن. اڄ اِها تبديلي آهي جو عورتون پاڻ پنهنجون تبديليون ٻڌائي رهيون آهن. اهي ڏينهن ختم ٿي ويا جڏهن عورتون مظلوم هونديون هيون. اڄ عورتون پاڻ ڪمائي رهيون آهن. اِهو ڪريڊٽ پڻ ڀ ٽ و ڏانهن وڃي ٿو. هن چيو ته عقل، شعور، انسانيت ۽ سچائيءَ ۾ مرد جي ڀيٽ ۾ عورتون وڌيڪ آهن. عورتون ڪڏهن به ڪرپشن ناهن ڪنديون، ڇوته اهي پنهنجو گهر هلائڻ ڄاڻن ٿيون. مان اڄ مڙني عورتن کي خراج تحسين پيش ڪيان ٿي. اڄ جي ڪامياب پروگرام منعقد ڪرائڻ تي مان شعيب سلطان ۽ ان جي پوري ٽيم کي مبارڪباد ڏيان ٿي.

اڳوڻي سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه پنهنجي تقرير ۾ چيو ته سچ پچ اڄ ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ عورتن جون ڳالهيون ۽ تقريرون ٻڌي ڏندين آڱرين اچي ويون آهن. اهو ڪوئي سوچي به نه پيو سگهي ته ٿورڙي عرصي ۾ اسان جي ڀينرن کي ايڏو شعور ۽ ايڏو اعتماد ٿيندو. هن چيو ته اڄوڪي ميڙاڪي جي آرگنائيزرس ۽ آيل سڀني مهمانن کي مبارڪباد ڏڃي ٿي. ڪانئن تي ڦوڪون ڏيئي ٻاهه ٻاريندڙ عورتون جيڪي ڪڏهن گهر جي





چانئنٽ کان ٻاهر نہ نڪتيون اڄ اهي پنهنجي شعور سان مالامال ٻڄي مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ترقي جي سفر ۾ گڏ آهن. اِهو اعتماد ۽ شعور پ پ جو وڏو ڪارنامو آهي. هن چيو تہ هاڻي سرڪاري زمين 25 ايڪڙن تائين عورت هارياڻين کي مهيا ڪئي ويندي. چوتہ عورتون ئي منظم انداز سان زراعت کي هلائي سگهن ٿيون. هن چيو تہ اڄ 14,000 هزار عورتن کي خطاب ڪندي انتهائي پُرجوش ٿي ويو آهيان. چوتہ پيپلز پارٽي جي منشور ۾ اهو شامل آهي تہ روزگار ۽ سرڪاري زمين عورت هارياڻين کي ڏني وڃي.




سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ جيئن اوهان سڀني کي خبر آهي تہ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام (UCBPRP) اُن وقت جي وزير اعليٰ سيد قائم علي شاهہ جي دؤر ۾ 2009ع ۾ شروع ٿيو هو ۽ هي پروگرام پهريان چئن ضلعن ۾ پوءِ ٻين ضلعن ۾ شروع ڪرڻ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڪارنامو آهي. هن چيو تہ اسان جو ڪم ڏسي يورپي يونين وارا بہ متاثر ٿيا ۽ انهن جي معاونت سان اڄ ساڳيو ئي پروگرام سنڌ جي وڌيڪ اٺن ضلعن ۾ هلي رهيو آهي. جڏهن تہ وڌيڪ ڇهن ضلعن ۾ ساڳي پروگرام جي شروعات ڪئي وئي آهي. جنهن جي اڄ هتي ابتدائي تقريب منعقد ڪئي وئي آهي. سيد مراد علي شاهہ وڌيڪ ٻڌايو تہ سنڌ صوبي ۾ صرف 6 ضلعا اهڙا آهن جتي هي پروگرام اڃا تائين شروع ناهي ٿي سگهيو. ايندڙ سال انهن ضلعن ۾ پڻ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام (UCBPRP) شروع ڪيو ويندو.

سرسو چيئرمين محترم شعيب سلطان خان پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ مان سڀ کان پهرين صوبائي وزير ناصر حسين شاهہ جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. جنهن چيئرمين محترم بلاول ڀٽو زرداري جو دورو منعقد ڪرايو. مان هميشہ اهو چوندو رهيو آهيان تہ منهنجي زندگي خوشگوار واقعن سان ڀري پئي آهي. هي لمحو بہ منهنجي زندگيءَ جو هڪ ٻيو خوشگوار واقعو آهي تہ مان عظيم ڀٽو خاندان جي ٽين ٽِهيءَ جي هڪ فرد سان ملي رهيو آهيان. مان اها ڳالهہ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. جڏهن مان 1971 ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪمشنر جي حيثيت ۾ مقرر ٿيس تہ ذوالفقار علي ڀٽو مون کي فون ڪري منهنجي آجيان ڪئي ۽ مونکي ان ڳالهہ جي پڪ ڏياريندي چيائين تہ جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن بہ مدد جي ضرورت هجي تہ اسان جي پارٽي هميشہ حاضر رهندي.

وري جڏهن محترمہ شهيد بينظير ڀٽو پهريون دفعو وزير اعظم ٿي ۽ ان جڏهن آغا خان رورل سپورٽ پروگرام جي حوالي سان منهنجي پريزنٽيشن ٻڌي تہ ان پنهنجي راءِ ڏيندي چيو تہ اهو هڪ انقلابي پروگرام آهي پر ان تي عمل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.






البتہ ان جي هدايتن تي ان جي سيڪريٽري سلمان فاروقي سنڌ ۽ اين ڊبليو ايف پي (هاڻوڪو خيبر پختونخواه) جي وزير اعليٰ ڏانهن RSP پروگرام شروع ڪرڻ لاءِ لکيو.

سن 2003 ۾ مونکي هڪ خوشگوار حيرانگي ٿي جڏهن سنڌ حڪومت مون کي سنڌ جي RSP جي منظوريءَ لاءِ لکيو ۽ اها پڻ گذارش ڪئي تہ مان ان جي چيئرمين شپ پڻ قبول ڪيان. هاڻ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سان سلهاڙيل رهندي مونکي چوڏهن سالن کان مٿي عرصو ٿي چڪو آهي. ڪاش! محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ حال حيات هجي ها ۽ پاڻ ڏسي ها تہ غريب ڳوٺاڻين عورتن جي زندگيءَ ۾ UCBPRP پروگرام تحت ڪيڏي نہ مثبت تبديلي آئي آهي ۽ اهي سموريون عورتون هميشہ بيبيءَ جي ان پيش قدميءَ جو دل سان قدر ڪن ٿيون.

هن چيو تہ اسلام آباد ۾ رهندي، مان اهو ڄاڻو ٿئي تہ اداري کي هڪ اهڙي فرد جي ضرورت آهي، جيڪو ان جي پروگرام کي منظم طريقي سان هلائي سگهي. ان وقت مونکي ڏاڍي خوشي ٿي جڏهن ڊاڪٽر سليمان شيخ منهنجي درخواست تي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جو چيف ايگزيڪٽو ٿيڻ قبوليو. پر جيئن تہ هن تي ٻيون بہ تمام گهڻيون ذميواريون هيون ان ڪري هن اها ذميواري اعزازي طور قبولي ۽ سرسو جو هڪ پختو بنياد رکيو.

ان بعد مان نظر ميمڻ کي راضي ڪيو تہ هو اسلام آباد کان سکر ڏانهن وڃي. ان جي ڪيترين ئي ڪاميابين منجهان سندس هڪ شاندار ڪاميابي اها پڻ هئي تہ هن سکر ۾ سرسو جي شاندار ڪامپليڪس جو بنياد رکيو، جيڪو تمام سهولتن سان سرشار آهي.

ان بعد سن 2008 ۾ ان وقت جي وزير اعليٰ سنڌ سيد قائم علي شاهہ جي مهربانين سان سرسو ”يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام“ Union Council Based Poverty Reduction Program (UCBPRP) پروگرام تحت تمام گهڻا وسيلا حاصل ڪيا. ان وقت جڏهن مان (UCBPRP) پروگرام بابت تفصيلي آگاهي ڏني تہ وزير اعليٰ راءِ ڏيندي چيو تہ ”لڳي ٿو تہ اوهان ڳوٺاڻي غربت کي ختم ڪرڻ جو علاج ڳولهي لڌو آهي...“ مان کيس ورندي ڏيندي چيو تہ: ”ان تي عملي ڪم ڪرڻ لاءِ مون وٽ وسيلا ڪو نہ آهن...“ جنهن تي هن پنهنجي سيڪريٽري فضل الرحمٰن کي چيو تہ هو انتهائي غربت سٽيل ٻن ضلعن شڪارپور ۽ ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ لاءِ وسيلا فراهم ڪري، هن انتهائي جوش ۽ جذبي سان هڪدم ان تي عمل ڪيو. هن جو وڏيڪ چوڻ هو تہ نظر ميمڻ پنهنجي صحت جي خرابي ۽ گهرو معاملن جي ڪري اسلام آباد واپس ٿيڻ جي درخواست ڪئي تہ مان ان جي جاءِ تي سونو ڪنگهاراڻي کي سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ٿيڻ لاءِ آڇ ڪئي. سونو ڪنگهاراڻي،



ايڊيشنل چيف سيڪريٽريز ڊولپمينٽ سرور کيڙو، نظر مهر، فنانس سيڪريٽري ملڪ، سيڪريٽري ناهيد شاهه دراني ۽ سرسو جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز منجهان فضل الله قريشي، ڊاڪٽر راشد باجوا، شيرين ناريجو، ڪمشنر سکر ۽ لاڙڪاڻو ۽ ٻين ڪوڙ سارن دوستن جي مدد ۽ حوصلہ افزائي سان ٻن سالن جي قليل عرصي ۾ انهن ٻن ضلعن جي ٻہ لک ڪان مٿي عورتن کي منظم ڪيو. سن 2010 ۾ جڏهن سيد قائم علي شاهه شڪارپور ۾ هزارين منظم عورتن سان مليو تہ هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن صوبائي اسيمبلي جي فلور تي پنهنجي بجيٽ تقرير ڪندي انهن عورتن ۽ RSPs جي ڏاڍي تعريف ڪئي. جنهن تي RSPs خوشي محسوس ڪندي سندس تقرير کي RSPN جي ويب سائيٽ تي رکيو.

شعيب سلطان چيو تہ خوشقسمتيءَ سان سن 2015 ۾ يورپي يونين جي هڪ گروپ سکر، بدين ۽ ٿرپارڪر ضلعن جو دورو ڪيو ۽ واپسيءَ تي انهن جي ليڊر Development Counselor Brand de Groot مونسان اسلام آباد ۾ رابطو ڪيو ۽ چيو تہ جيڪڏهن سنڌ حڪومت اجازت ڏئي تہ هو سنڌ جي چئن ضلعن ۾ سنڌ حڪومت طرفان (UCBPRP) تحت هلندڙ پروگرام کان علاوه ٻين انن ضلعن ۾ ان پروگرام کي هلائڻ لاءِ فنڊ مهيا ڪرڻ لاءِ تيار آهن. اسان سنڌ جي وزير اعليٰ سيد قائم علي شاهه سان Development Counselor Brand de Groot جي ميٽنگ جو بندوبست ڪيو. جنهن انهن جو ٿورو مڃيندي سندن آڇ قبولي پر ان سان گڏ اهو پڻ واعدو ڪيو تہ سنڌ حڪومت وڌيڪ ٻين ڇهن ضلعن ۾ ان پروگرام کي هلائڻ لاءِ صوبائي وسيلا مهيا ڪندي.

دفتري ڪارواين جي تقاضائن ڪري 6 ضلعن لاءِ پروگرام جو فنڊ سالانہ ترقياتي منصوبن ۾ شامل هئڻ جي باوجود ان وقت تائين جاري نہ ٿي سگهيو جيستائين وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سان ملاقات نہ ٿي. جنهن چيئرمين P&D محمد وسيم کي دفتري رڪاوٽن کي دور ڪرڻ لاءِ ضروري هدايتون ڏنيون. جيڪڏهن سيد مراد علي شاهه، چيئرمين P&D ۽ چيف سيڪريٽري رضوان ميمڻ جي مدد ۽ رهنمائي حاصل نہ هجي ها تہ اڄ هي پروگرام شروع نہ ٿي سگهي ها. بلاول ڀٽو زرداري سان مخاطب ٿيندي شعيب سلطان چيو تہ: محترم چيئرمين صاحب! اوهان جي ذريعي سان مان سنڌ حڪومت کي اهو باور ڪرائڻ چاهيندس تہ سرسو SRSO ۽ نيشنل رورل سپورٽ پروگرام NRSP کي هڪ NGO وانگر نہ سمجهيو وڃي. ڇو تہ انهن جي جوڙجڪ صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن تحت ٿيل آهي. انهن کي انڊومنٽ فراهم ڪيو ويندو آهي ۽ انهن جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز ۾ موجوده ۽ اڳوڻا سرڪاري آفيسر شامل هوندا آهن. هن چيو تہ سن 2008ع ۾ جڏهن مان ان وقت جي صدر آصف علي زرداري آڏو پريزنٽيشن ڏني تہ هن NRSP کي (UCBPRP) جهڙا پروگرام صوبائي RSPs سان ملي ڪري سموري ملڪ ۾ هلائڻ جي منظوري ڏني. بدقسمتيءَ سان سلمان فاروقيءَ جي پلاننگ ڪميشن مان پريزيڊنسي ڏانهن بدلي ٿي وئي ۽ فئنانس منسٽر شوڪت ترين جي تبديلي ڪري سمورو منصوبو رولڙي جو شڪار ٿي ويو. جنهن ڪان پوءِ صدر پاڪستان جي منظوري ۽ سمورن صوبن جي وزير اعليٰ وٽ منهنجي پريزنٽيشن ڏيڻ جي باوجود (UCBPRP) جي پروگرام تي ڪنهن بہ عمل نہ ڪيو.



سنڌ ملڪ جو اهو واحد صوبو آهي جتي يورپي يونين جي سهڪار سان غربت کي ختم ڪرڻ جي پروگرام جو حقيقي ۽ زندهہ مثال موجود آهي. بلوچستان صوبي سنڌ جي تجربي مان فائدو حاصل ڪيو آهي. جيئن تہ يورپي يونين بلوچستان رورل سپورٽ پروگرام BRSP ۽ نيشنل رورل سپورٽ پروگرام NRSP کي (UCBPRP) جي پروگرام کي انن ضلعن ۾ هلائڻ لاءِ وسيلا مهيا ڪيا آهن. سرسو جي مدَ ۾ مليل

ڪاميابين ۾ منهنجو ڪردار نالي ماتر آهي. حقيقي طور تي اهي سموريون ڪاميابيون سنڌ حڪومت جي شاندار سهڪار، سرسو جي فيلڊ ۽ هيڊ آفيس جي اسٽاف جي پيشاوراڻ ۽ مخلصانہ محنت جي ڪري آهي. جنهن جي اڳواڻي ڪنڊڙ موجوده CEO محمد ڏتل ڪلهوڙو جي ڪري رهيا آهن.

هن وڊيڪ ڳالهائيندي ٻڌايو تہ سڀ کان وڌيڪ ڪريڊٽ سنڌ جي ڳوناٽين ليڊر عورتن کي وڃي ٿو. منهنجو استاد اختر حميد خان هميشہ چوندو هو تہ اِهي ڳوناٽا اڳواڻ پنهنجي ڪميونٽي جا هيرا آهن. مسٽر چيئرمين اڄ توهان پاڻ ڏسندا تہ ڪيئن اهي غريب کان غريب تر اڳواڻ (UCBPRP) پروگرام کي جاويدان مثال بڻائيندي غريب عوام جي مدد ڪندي پاڻ ملهائيندا ۽ چمڪندا رهندا. پنڊال ڏانهن اشارو ڪندي شعيب سلطان چيو تہ جناب چيئرمين صاحب! هي جيڪي پنڊال ۾ وينل چمڪندڙ ستارن جيان ڀهراڙيءَ جون عورتون نظر اچي رهيون آهن. اهي نمائندگي ڪن ٿيون انهن گهراڻن جون جيڪي UCBPRP ۽ EU جي مالي سهڪار سان هلندڙ 18 ضلعن تي مشتمل آهن. هن پروگرامن تحت 30 لک گهراڻن منجهان 20 لکن کي منظم ڪيو ويو آهي جن جي آبادي تقريبا 1 ڪروڙ 18 لک ٿيندي.

تازو ئي IBA جي شايع ٿيل غربت سروي رپورٽ بابت UCBPRP جي ضلعن شڪارپور، جيڪب آباد ۽ ڪشمور-ڪنڌڪوٽ ۾ منظم ٿيل گهراڻن جي سروي ڪئي وئي. جنهن ۾ هنن 50 هزار گهراڻن مان Sampling ڪئي. ان سيمپلنگ مطابق 90% سيڪڙوگهراڻن جيڪي غربت جي درجابنديءَ جي لڪير کان هيٺ هئا انهن جي معاشي حالت بهتر ٿي آهي ۽ انهن پنهنجي زندگيءَ جو قدم خوشحالي طرف وڌايو آهي.

هاڻي سکر، گهوٽڪي، نوشهروفيروز ۽ بينظيرآباد UCBPRP کان وانجهيل آهن. جيڪو هلندڙ سال سنڌ حڪومت منظور ڪيا آهن. اسان کي هڪ پيرو سموري سنڌ اندر ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏيو پوءِ ڏسو تہ غربت گهٽائڻ لاءِ ٻيا صوبا بہ اسان جي ماڊل جي پيروي ڪندا.

آخر ۾ هن سنڌ جي عورتن، سرسو جي عملي ۽ بورڊ جي ڊائريڪٽرس طرفان شڪريوادا ڪندي چيو تہ توهان پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهہ گهڙيون ڪڍيون ۽ سرسو جو دورو ڪندي اسان جو مانُ مٿاهون ڪيو.

ان کان پوءِ مقامي سهڪاري اداري (LSO) سنڌ سجاڳ ضلعي شڪارپور جي مسمات مهناز، LSO بُخاري ضلعي ڪشمور جي ميرزادي، LSO ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور جي هيرزادي، LSO اتحاد ضلعي جيڪب آباد جي رُخسانہ سرڪي، LSO روشني ضلعو ڪشمور ڪنڌڪوٽ واسڻ رُڪينہ ۽ ارشاد خاتون پڻ اسٽيج تي اچي پنهنجي زندگيءَ تي يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام (UCBPRP) جا اثر ۽ هاڻوڪي خوشحالي بابت ٻڌايو.



ان کان اڳ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سرسو پاران لڳايل مختلف اسٽالن جو دورو پڻ ڪيو. اسٽالن تي موجود عورتن ۽ مردن کان معلومات ورتي ۽ بيحد ساراهيو.

هن تقريب ۾ اپوزيشن ليڊر سيد خورشيد احمد شاهہ سميت صوبائي وزير پلاننگ مير هزار خان جکراڻي، گهرو وزير سُهيل انور سيال، سينيٽر اسلام الدين شيخ، صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ، ايم.اين.اي سيده نفيسہ شاهہ، ايم.پي.اي نعمان اسلام شيخ، نثار احمد کهڙو ۽ ڪيترائي سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر ۽ سرڪاري ڪامورا پڻ شامل هئا.

# برطانوي وفد جو شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي بزرگ تنظيمن جو دورو

خالده مستوئي

برطانيہ کان آيل ٽِہ رُڪني وفد هيلپ ايج انٽرنيشنل جي چيف ايگزيڪيٽو”جاتن دير بائشر“ جي اڳواٽي ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي هيڊ آفيس سکر ۾ مهمانن جو استقبال سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، چيف فنانس آفيسر زاهد ڪريم شر، پروگرام مئنيجر PINS پروگرام نثار احمد پناڻ، SUCCESS پروگرام جي ٽيم ليڊر جمال مصطفيٰ شورو ۽ ٻين ڪيو. وفد ۾ شامل ايشيا پيسفڪ ريجنل ڊائريڪٽر ايجارڊو ڪيلن ۽ هيڊ آف پروگرام برٽ مارٽن پڻ شامل هئا. ان موقعي تي هيلپ ايج انٽرنيشنل پاڪستان جي ڊائريڪٽر عجيبہ ڪي اسلم ۽ پروگرام مئنيجر (ايمرجنسي) شهزادو خاصخيلي پڻ موجود هئا.

نثار احمد پناڻ بريفنگ ڏيندي پرڏيهي وفد کي شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ بزرگن جي مسئلن ۽ مليل سهولتن ڪاڏ خوراڪ ۽ تربيتن کان مڪمل آگاهہ ڪيو. هن بزرگن جي سماجي ڀلائي واري بل ”سينيئر سٽيزن ويلفيئر ايڪٽ 2014“ بابت تفصيل ٻڌائيندي چيو تہ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) اهڙو بل سنڌ اسيمبلي مان 2016ع ۾ پاس ڪرائي چڪو آهي. جيڪو هينئر عمل درآمد واري مرحلي ۾ داخل آهي.

جاتن دير بائشر ڳالهائيندي سرسو پاران بزرگن لاءِ کنيل قدمن ۽ مڪمل رابطي ڪارين، مهمن ۽ ٻين هيلپ ايج جي پروجيڪٽ جي تعريف ڪئي ۽ چيو تہ سرسو سان هيلپ ايج جا پراڻا ڄڻادار ۽ برابري جي بنياد تي تعلق رهندا آيا آهن، جنهن کي اسين قدر جي نگاهہ سان ڏسون پيا.



ٻئي ڏينهن تي وفد شڪارپور ضلعي جي اولڊر پيپل ايسوسيئيشن (OPA) احمد علي پرچونڊ يونين ڪائونسل همايون تعلقه شڪارپور جو دورو ڪيو. بريفنگ دوران ڪين ٻڌايو ويو ته ڳوٺ ۾ ڪل گهراڻن جو تعداد 30 آهي. جڏهن ته ڳوٺ جي آبادي ۾ 147 مرد ۽ 151 عورتون شامل آهن. ڇوڪرن جو تعداد 200 ۽ ڇوڪرين جو تعداد 140 آهي. جن ۾ پڙهيل مردن جو تعداد 21 آهي. جڏهن ته ڳوٺاڻن جي ڪمائي جوذريعو زراعت ۽ مال مويشي تي آهي.



انهيءَ موقعي تي وفد کي نثار احمد پناڻ ٻڌايو ته بزرگ دوست تنظيم احمد علي پرچونڊ 20 جولائي 2013ع تي جوڙي وئي. هن تنظيم جا ٽوٽل 42 ميمبر آهن جن ۾20 مرد ۽ 22 عورتون آهن. هن ٻڌايو ته هيلپ ايج پروجيڪٽ تحت انهن کي ديسي ڪڪڙين جا سيٽ، ويل چيئر، سبزين جا مختلف ٻج ۽ مائڪرو فنانس قرض پڻ ڏنو ويو آهي. جڏهن ته 35 بزرگن جي اکين جون مفت آپريشنس پڻ ڪرايون ويون آهن. تربيتن ۾ بچت ڪرڻ، پيروڪاري ڪرڻ، فنڊ گڏ ڪرڻ، انگ اکر گڏ ڪرڻ، مال مويشي پالڻ، سبزيون پوکڻ، زراعت، ڪڪڙيون پالڻ، اڳواڻ عورتن ۾ صلاحيت اُجاگر ڪرڻ، جانچ پڙتال ۽ تنظيم سازي شامل آهن. جڏهن ته سرسو پاران انهن کي 12 گهر، 10 ليٽرين ۽ 40 عورتن کي بنا وياج جي قرض سان گڏوگڏ هيلٿ انشورنس مهيا ڪئي وئي آهي.

اولڊر پيپلز ايسوسيئيشن احمد علي جي ميمبرن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) پاران 21 بزرگ عورتن کي ڪارڊ نهرائي ڏنا ويا آهن. جنهن ذريعي غريب عورتن کي 2017ع ۾ هرهڪ کي -/2000 روپيه عيد الائونس پڻ مليو آهي. ڳوٺ احمد علي ۾ ڪجھ گهڙيون ترسڻ ۽ بزرگن سان گڏجاڻي ڪرڻ کانپوءِ وفد ضلعي جيڪب آباد جي اولڊر پيپلز ايسوسيئيشن (OPA) پراڻو ميرل، يونين ڪائونسل ٻچڙو تعلقه ٺل جي بزرگن سان ملاقات ڪئي ۽ بزرگن جي تجربن، مشاهدن، پيروڪاري مهم بابت حال احوال ورتا ويا.

وفد کي نثار احمد پناڻ ٻڌايو ته هن اولڊر پيپلز ايسوسيئيشن ”پراڻو ميرل“ جي رجسٽريشن 7 فيبروري 2015ع ۾ ٿي. ميمبرشپ ۾ هن وقت 22 مرد ۽ 30 بزرگ عورتون شامل آهن. هن ڳوٺ ۾ ٽوٽل گهر 70 آهن، جنهن مان ڪچا گهر 40 ۽ پڪا گهر 20 آهن. ڳوٺ جي ڪل آبادي ۾ 220 مرد ۽ 228 عورتن تي مشتمل آهي. هتان جي تعليمي شرح مردن ۾ 50% ۽ عورتن ۾ 5% سيڪڙو آهي. ڳوٺاڻن جي ڪمائي جو ذريعو زراعت، مال مويشي ۽ مزدوري آهي. هن وڏيڪ ٻڌايو ته بزرگن کي ننڍي قرض جي فراهمي، گهريلو سطح تي ڪڪڙيون پالڻ، مال مويشي جي واڌاري بابت تربيتون پڻ ڪرايون ويون آهن. هن ڳوٺ ۾ پڻ بزرگن جي اکين جا مفت آپريشن ڪرايا ويا آهن. قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ بابت 30 بزرگن کي تربيتون پڻ ڏياريون ويون آهن. گڏوگڏ باھ وسائڻ لاءِ ترڪيبي گڏجاڻيون، ڳوناڻي سطح تي خطرن کي منهن ڏيڻ سميت مختلف ضروري تربيتون پڻ بزرگن کي ڏياريون ويون

آهن. هن وفد کي ٻڌايو تہ هن بزرگن جي تنظيم ۾ هر سال 4 آڪٽوبر تي ”بزرگن جو عالمي ڏينهن“ طور ملهايو ويندو آهي.
وفد سان ڳالهائيندي بزرگن چيو تہ هيلپ ايج جي پروجيڪٽ دوران ئي سندن زندگين تي گهڻي خوشگوار تبديلي آئي آهي. کين ملندڙ وظيفي سبب هو ڪافي حد تائين خودمختيار ٿيا آهن. سندن گهر ڀاتين پاران عزت ۽ احترام ڪرڻ ۾ پڻ واڌارو ٿيو آهي. صحت ۽ کاڌ خوراڪ ۾ بهتري ٿي آهي. هن موقعي تي بزرگن اپيل پڻ ڪئي تہ هتي سرسو سان گڏجي بزرگن جي ڀلائي بابت ٻيا بہ پروگرام شروع ڪيا وڃن تہ جيئن بزرگن جي جياپي ۾ بهتري اچي سگهي.
بزرگن سان ڳالهائيندي جاتن دير بائشر چيو تہ مون کي هتي اچي اوهان سڀني سان مِلي بيحد خوشي ٿي آهي. اِن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پاڪستان جي سڀني اولڊر پيپل ايسوسيئيشن (OPAs) ۾ سڀ کان وڌيڪ پُرعزم ۽ فعال اولڊر پيپل ايسوسيئيشن (Active Older People Association) شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن جون آهن. هن چيو تہ بزرگن جي ڀلائي بابت پروگرامن کي ترتيب ڏنو پيو وڃي ۽ اسين ڪنهن بہ صورت ۾ بزرگن کي اڪيلو نہ ٿا ڇڏي سگهون.



فيڊريشن جي اڳواڻ سان ڳالهائيندي هيلپ ايج جي سربراهہ پاڪستان جي حڪومتي عملدارن ۽ ميڊيا کي گذارش ڪندي چيو تہ بزرگن جي ڀلائي وارو بل پاس ٿيڻ باوجود اُن تي عمل نہ ڪرائڻ سنڌ جي بزرگن جي حقن جي تلافي آهي. هن زور ڀريو تہ ميڊيا ان موضوع تي ڌيان ڌري ۽ بزرگن جي حقن جو آواز اُٿاري تہ جيئن اِن بل تي عمل ٿئي ۽ هتان جي بزرگن کي پينشن سميت سفري سهولتون، کاڌ خوراڪ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي سهولتون مفت حاصل ٿي سگهن. جيڪي سينئر سٽيزن بل ۾ بيان ٿيل آهن. گڏجاڻي جي آخر ۾ آيل مهمانن کي سنڌي ثقافتي اجرڪ ۽ ٽوپيون پڻ پارايون ويون. وفد اولڊر پيپلز ايسوسيئيشن جا ٿورا مڃيا ۽ انهن جي ڪوشش کي بيحد ساراهيو.

*

# ڪلسٽر اسڪول ڳڙهي صاحب خان ۾ ايوارڊ تقريب

**لطف علي چانديو**
هيڊ ٽيچر
ڪلسٽر اسڪول ڳڙهي صاحب خان ضلعو شڪارپور.

ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪول ڳڙهي صاحب خان ۾ سيڪنڊ ٽرم ٽيسٽ جو رزلٽ پڌرو ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪيترن ئي محنتي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حوصلاافزئي ڪرڻ لاءِ انهن ۾ انعام ورهائڻ لاءِ هڪ پروقار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو. خاص مهمانن ۾ محمد ايوب سولنگي، مختيار احمد شيخ، محمد عظيم منگي ۽ هن تقريب جو مک مهمان سنڌ جو ناليوارو اديب محترم مشتاق بخاري هئا.

تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. تنهن بعد ڪلسٽر اسڪول جي هيڊ ٽيچر لطف علي چانديو آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ ڪلسٽر اسڪول جو مختصر تعارف ڪرائيندي چيو ته 2013 کان اڳ هيءُ اسڪول جي عمارت بلڪل تباهه ٿيل هئي. ان جي سٺي طريقي جي استعمال لاءِ (CDP) جي سهڪار سان هيءُ عمارت سرسو (SRSO) مئنيجمينٽ جي حوالي ڪئي وئي. جنهن تعليم کي بهتر بڻائڻ لاءِ استادن جي IBA سکر کان ٽيسٽ ڪرائي. جنهن بعد ميڊم ناهيد شاهه دراني جيڪا هن وقت سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنٽ ڊائريڪٽر آهي. پنهنجي نگرانيءَ ۾ انٽرويو ورتا ۽ استان کي هن ڪلسٽر اسڪول ۾ پرتي ڪيو ۽ سيني استان کي اها پڻ تاڪيد ڪئي ته ڀهراڙي جي ٻارڙن کي سٺي ۽ معياري تعليم ڏيڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا.




هن وڏيڪ چيو ته جڏهن مان هن اسڪول ۾ هيڊ ٽيچر جي حيثيت ۾ پرتي ٿيس ۽ ڏٺو ته هتان جي ٻارڙن کي لکڻ، پڙهڻ ته پري جي ڳالهه پر ڪين نيڪ طرح سان ڳالهائڻ به نه پئي آيو. پوءِ مان استادن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي ۽ اسين سيني استادن اهو عهد ڪيو ته چاهي ڇا به ٿي پوي، پوري محنت ۽ ايمانداري سان هن اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي علم جي روشني سان مَنور ڪرڻو آهي، انهيءَ لاءِ اسان کي ڪيتري به محنت ڪرڻي پوي ڪنداسين، مان شڪرگذار آهيان ڪلسٽر اسڪول جي استادن جو جن مون سان ساٿ ڏنو آهي. جنهن جو مثال اڄ توهان جي سامهون آهي، ڀهريان ته ڳوٺاڻا/والدين پنهنجي ٻارڙن کي اسڪول موڪلڻ ۾ ايتري دلچسپي نه وٺندا هئا، پر اسان جي مسلسل محنت ۽ جاکوڙ کي ڏسي هنن به اسان جو ساٿ ڏنو ۽ هن وقت ويجهي ڳوٺن کان علاوه پري پري جي ڳوٺن جا ٻار به تعليم پرائڻ اچن پيا، جس آهي ڪلسٽر اسڪول جي سيني استادن کي جن ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکاريو آهي.

تقريب کي خطاب ڪندي محمد عظيم منگيءَ چيو ته ڪلسٽر اسڪول گڙهي صاحب خان جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ڪارڪردگي ڏسي دل باغ بهار ٿي وئي آهي. تعليم جي ميدان ۾ هن اسڪول جي ڪارڪردگي ساراهه جوڳي آهي. جوته هاڻي هن اسڪول ۾ هڪ ڊسيپلين موجود آهي، ٻارڙن ۾ قابليت آهي صرف انهن کي معياري تعليم ڏيڻي آهي، جيڪا هن اسڪول جا محنتي استاد ڏئي رهيا آهن. اميد ڪجي ٿي ته استاد مستقبل ۾ به پنهنجو ڪردار پوري سچائي ۽ ايمانداري سان نڀائيندا رهندا. جوته استاد هڪ معتبر پيشو آهي، جيڪو استاد پنهنجي پيشي سان سچو آهي انهيءَ جهڙو ڪو انسان ئي نه آهي.



انهيءَ موقعي تي محمد ايوب سولنگي پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ڪلسٽر اسڪول جو نالو پهريان ٻڌندو هئس. پر اڄ پنهنجين اکين سان اهو منظر ڏسي يقين نه پيو اچي ته هن ڳوٺ ۾ اهڙو اسڪول به ٿي سگهي ٿو. استادن جو پاڻ ايڪو، اخلاق ۽ والدين ۽ ٻارڙن سان بهتر رويو به ساراهه جوڳو آهي. مون کي اميد آهي هڪ ڏينهن هي شاگرد سڀ انجنيئر ۽ ڊاڪٽر بڻجي پنهنجو ۽ پنهنجي علائقي جو نالو روشن ضرور ڪندا.

مختيار احمد شيخ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته هتان جا ماڻهو وڏا خوش نصيب آهن جو هن ڳوٺ ۾ اهڙو معياري تعليمي ادارو موجود آهي. ۽ هن تعليمي اداري ۾ ذهين استادن جي هڪ ٽيم موجود آهي، جيڪي پنهنجي فرض کي نڀائڻ ڄاڻين ٿا، جنهن جو هڪ مثال اڄ اسان جي سامهون آهي، مون کي يقين ئي نٿو اچي ته اسين هڪ ڳوٺ ۾ موجود آهيون جتي شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي هنن جي ڪاميابين تي ڪين انعام ڏنو پيو وڃي، جيڪا يقنن سيني لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي. مان والدين کي به گذارش ڪندس ته هو پنهنجن ٻارن تي وڌيڪ توجهه ڏين ۽ ڪين وقت تي اسڪول موڪلين جو ته هن اسڪول جا استاد تمام محنتي، پنهنجي ڪم سان مخلص آهن. ۽ اهي ئي ٻار مستقبل ۾ توهان جو نالو روشن ڪندا.

انهيءَ موقعي تي مهمان خاص محترم مشتاق بخاريءَ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سڀ کان پهريان مان ڪلسٽر اسڪول جي مڙني استادن جو شڪرگذار آهيان جن مون کي هن پروقار، پرخلوص تقريب ۾ اچڻ لاءِ چيو ۽ گڏوگڏ شاگردن ۽ شاگرديائڻين جي ڪارڪردگي کي ڏسڻ جو هڪ موقعو پڻ ڏنو. يقين ڪريو ته مون کي ٻارڙن جي ٽيلينٽ



۽ ڪاميابيءَ کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. ڀرواڙي جي هن ڪلسٽر اسڪول ۾ اهڙي معياري تعليم شاباس آهي استادن کي جن ايمانداري سان پنهنجو فرض نڀايو آهي. اميد آهي هي مستقبل جا معمار اڳتي هلي ڊاڪٽر انجنيئر، ليڪچرر ۽ پروفيسر ٿي پنهنجي ڳوٺ ۽ ملڪ جو نالو ضرور روشن ڪندا.
آخر ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ شاگرد ۽ شاگرديائڻين ۾ ايوارڊ ۽ انعام ورهايا ويا. انهيءَ تي هيءَ پروقار تقريب پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي.

*

# بزنس ڊولپمينٽ گروپ ٽانوري جاگيراڻي

## (معاشي خوشحالي ۽ روزگار)



لالڻ ڌهر
متحرڪ ڪارڪن
خوشحال نيٽ ورڪ - لکي شڪارپور

بزنس ڊولپمينٽ گروپ ”ٽانوري جاگيراڻي“ يونين ڪائونسل رستم تعلقه لکي ضلعي شڪارپور جو بنياد 2009ع ۾ پيو. ٽانوري جاگيراڻي ڳوٺ شڪارپور جي هڪ اهڙي علائقي ۾ واقع آهي جتي هميشه برادرين جا جهيڙا جهڳڙا، ٻني ٻاري تي ڦڏا فساد، ڪاروباري مسئلا موجود هئا ۽ هن علائقي ۾ عورت کي گهٽ سمجهيو ويندڙ ماڻهن جو علائقو چئجي ته غلط نه ٿيندو. اهڙي ڏکي علائقي ۾ عورتن جي تنظيم جو بنياد رکڻ سچ پچ ته پهاڙ ٽُڪڻ کان گهٽ نه هو. آخرڪار يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جي پروگرام (UCBPRP) جي ٽيم جي موبلائيزيشن ۽ محنت رنگ لاتو ۽ هڪ تنظيم ”محمد عمر جاگيراڻي“ ناهي ورتي.

هِتي ٿورو گهڻو هٿ جو هُنر عورتن ۾ موجود ته هو پر همت حوصلا افزائي نه هجڻ ڪري اهو به ڏينهون ڏينهن پوئتي ٿيندو پئي ويو.

هن ڳوٺ ۾ مسمات شهناز جاگيراڻي جيڪا هڪ محنتي، سچار ۽ عورتن جو درد رکندڙ عورت موجود هئي جنهن سرسو ٽيم سان مڪمل سهڪار ڪيو ۽ ٽيم کي هٿ جي هنر بابت پڻ آگاهه ڪيو، ٽيم جڏهن عورتن جو ڪم ڏٺو ته ڪم ۾ ڪجهه ڪچايون پڪايون هيون. بحرحال سندن بهتر ڪم هيو ۽ هنرمند عورتن کي ساراهيندي ڪين صلاح ڏني ته توهان هڪ بزنس ڊولپمينٽ گروپ (BDG) ناهيو، اسين توهان جي رهنمائي سان گڏ تربيتون به ڪرائينداسين. جنهن ڪانپوءِ عورتن جو هڪ بزنس ڊولپمينٽ گروپ ”ٽانوري جاگيراڻي“ جي نالي سان وجود ۾ آيو. جنهن جي چيئرپرسن مسمات شهناز جاگيراڻي کي چونڊيو ويو. گروپ ٺهڻ بعد شهناز سرسو سان مسلسل رابطي ۾ رهندي آئي ۽ ڪم جي بهتري لاءِ سرسو ٽيم کان صلاح مشورا ونڻ ۽ هن هنر ۾ اڃان به جدت آڻڻ لاءِ هنرمند ڪاريگر عورتن کي اداري پاران تربيتون پڻ ڏياريون ويون.

مسمات شهناز هڪ جاکوڙي عورت آهي ۽ هن وقت ايل ايس او (LSO).”سنڌ سجاڳ“ يو سي رستم جي چيئرپرسن پڻ آهي. هن پنهنجي گروپ جي عورتن جي بهتر رهنمائي ڪئي آهي. نتيجي طور شهناز سرسو ٽيم جي تعاون سان پاڙيسري ڳوٺن ۾ به بزنس ڊولپمينٽ گروپ ٺهرايا آهن ۽ هن ڪاروبار کي تمام سٺي هٿي ونرائي آهي.

جڏهن شهناز کان هن گروپ جي باري ۾ پڇيوسين ته هن ٻڌايو ته اسان وٽ اڳ به ڪم ته هوندو هو پر صرف پنهنجي ڳوٺ تائين محدود هو ۽ اسان کي ٻئي ڳوٺ تائين به ڪٽي وڃڻ جي اجازت نه هوندي هئي توڙي جو اهي ڳوٺ ساڳئي برادري سان تعلق رکندڙ هئا.

جڏهن اسان جو گروپ ٺهيو ته سرسو جي معرفت اسان جي ڪم جي لاهور، اسلام آباد ۽ ڪراچي ۾ به ساراهه ٿيڻ لڳي ۽ اتان اسان کي تمام سٺي موٽ ۽ منافعو مليو، جنهن سبب اهو سلسلو اڃان تائين جاري آهي.

اداري جي رهنمائي ۽ تربيتن سبب اسان جي هن گروپ کي ايتري اهميت ملي جو اسان جي گروپ جون ڪجهه ميمبر عورتون جنهن ۾ مسمات متيري خاتون، شهناز ۽ شر خاتون سرسو پاران انڊيا ۾ انٽرنيشنل ليول تي لڳندڙ سيمينار ۾ پنهنجي هٿ جي هُنر وسيلي ناهيل سامان جو هڪ اسٽال لڳايو جتي پڻ اسان جي هٿ جي هُنر، محنت کي ساراهيو ويو سچ پچ ته اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي جو سرسو اسان جي عورتن کي انڊيا تائين پهچايو، جيڪي اڳ پاڙيسري ڳوٺن تائين وڃي نه سگهنديون هيون. سيمينار ۾ اسان کي سٺو منافعو مليو ۽ اسان جي گروپ ميمبرن ۾ اڃان به محنت وڌيڪ ڪرڻ جو جذبو

جاڳيو ۽ انهيءَ دوران اسان کي ڪجهه نيون شيون سکڻ ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ مليون، بهتر سکيا سبب اهو ڪم به وقت تي مڪمل ڪيوسين جتان اسان کي ايترو منافعو مليو جو اسان جي گروپ جي ميمبر عورتن پوک جو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ڇوته هنن کي هٿ جي هنر مان گهڻو فائدو مليو پئي.

اداري معرفت اسان جي هٿ جي هنر کي شهر جي وڏين مارڪيٽن ۾ شاندار موٽ ملي رهي آهي، جنهن ڪم جا اسان کي هِتي 500 روپيه ملندا هئا انهيءَ ئي ڪم جا BDGs گروپ پاران ٻاهر وڪرو ڪيو ويندڙ سامان جا ٻه هزار کان ٽي هزار وروپيه ملندا آهن.



هن گروپ جي مڙني ميمبرن جو چوڻ آهي ته جڏهن اسان هن گروپ ۾ ڪم نه ڪنديون هيون سين ته اسان کي ٿوري ٿوري ڪم لاءِ به ٻين جي اڳيان هٿ جهلڻو پوندو هو پر هاڻ اسان پنهنجي گهر وارن جي مدد ڪنديون آهيون. گهر هلائڻ ۽ ڏکئي وقت لاءِ پڻ بچائي رکنديون آهيون.

ٻيو مثال اسان جي ميمبر فوزيه ۽ خورشيد جو آهي جن پنهنجي گڏيل بچت مان هڪ -/20,000 هزارن ۾ ڳئون ورتي. هنن جي اهڙي سٺي سوچ کي ڏسي ٻين ميمبرن به ائين ئي پنهنجي هنر کي وڌيڪ اهميت ڏئي بچت ڪرڻ شروع ڪئي آهي. تمام وڏي ڳالهه ته هن گروپ جي ڪجهه عورتن انشورنس پاليسي پڻ رکي آهي ۽ پنهنجي ساليانه بچت مان رقم جمع ڪرائينديون آهن.

هن گروپ ۾ هاڻي ڏينهون ڏينهن ميمبرن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ۽ جيڪي عورتون هن ڪم کي اڳ اهميت نه ڏينديون هيون اُهي به اڄ هن گروپ ۾ دلچسپي وٺي رهيون آهن ۽ هن وقت 15 ميمبرن کان تعداد وڌي 30 تائين پهتو آهي.

سرسو جي مسلسل رهنمائي ۽ همٿائڻ سبب هن ڳوٺ جي عورتن جو مانُ وڌيو آهي ۽ هتان جي عورتن ۾ شعور ۽ رهڻي ڪهڻيءَ ۾ پڻ بهتري آئي آهي.

مسمات شهناز جاگيراڻي جو چوڻ آهي ته اسان جي گروپ جو ڪم پوري علائقي ۾ مشهور آهي ۽ سٺي نموني سان وڪامجي رهيو آهي. هاڻ اسان جو گروپ سنڌ جي ثقافت اجرڪ تي به سُٺو ڪم ڪري رهيو آهي. ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ به شادين جي موقعن تي اسان جي ڀرت کي پهلي اهميت ڏني وڃي ٿي ۽ ڪپڙا خريد ڪيا وڃن ٿا.

مطلب ته جڏهن کان سرسو جو سهڪار مليو آهي تنهن کان پوءِ اسان جي ڪم کي اهميت به ملي آهي ۽ اسان کي سٺو منافعو به ملي ٿو. گڏوگڏ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ به هٿ جي هنر جي اهميت وڌي وئي آهي ۽ هاڻ اسان جي پاڙيسري ڳوٺن جون ڇوڪريون به اسان وٽ ڪم سکڻ لاءِ اچن ٿيون ۽ اسان جي ڪم ۾ اضافو پڻ ٿي رهيو آهي.

شهناز جاگيراڻي ٻڌايو ته اداري پاران مسلسل رابطي ۽ ڪم سان هتان جي عورتن کي هڪ ته اهميت ملي آهي، ڇوته هن بلوچ قبيلي جي عورت ڪڏهن اهو سوچيو به نه هو ته ڪو هنن کي ايتري اهميت ملندي جو هوءَ ڪراچي جي وڏي مارڪيٽن ۽ ٻاهرين ملڪ ويندين مان چونديس ته اسان جي ۽ سرسو جي اها وڏي ڪاميابي آهي. ٻيو ته اسان جيڪو هٿ جو پورهيو ڪيون ٿيون ان جو اُجورو به اسان عورتن کي ئي ملي ٿو ۽ هاڻ اسين پنهنجو لٽو ڪپڙو، پنهنجي کاڌ خوراڪ ٻارن جي سٺي سارسنڀار ۾ پئسو ڪتب آڻيون ٿيون، هاڻ ته ڏينهون ڏينهن اسان جي هن ڪم کي سٺي پذيرائي ملي رهي آهي ۽ اسان کي بچت به پهريان جي ڀيٽ کان سٺي ٿي رهي آهي.

هاڻي اسان جي ڪوشش آهي ته ڳوٺ ۾ وڌ کان وڌ هٿ جي هنر کي وڌايون ۽ جهجهو ناڻو ڪمايون. منهنجي اها به ڪوشش آهي ته پنهنجي ڳوٺ ۾ ڇوڪرين لاءِ هڪ اسڪول کولرايو وڃي جتي هن ڳوٺ جون سڀ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا تعليم حاصل ڪن ۽ جديد دور جي حساب سان نوان نوان هنر سکي پنهنجي ڳوٺ جو نالو روشن ڪرڻ سان گڏ پنهنجي معاشي حالت کي به سُڌاريون، اسان جو گروپ سرسو جو انتهائي مشڪور رهندو جو هن اداري اسان سان هميشه ساٿ نڀايو آهي ۽ اسان جي هٿ جي هنر کي ٻاهرين ملڪ ۽ شهر جي وڏين وڏين مارڪيٽن تائين پهچايو آهي. جنهن سان اسان جي معاشي حالت بهتر ٿي آهي ۽ زندگين ۾ خوشحالي آئي آهي.

# پروگرام فار امپروو نيوٽريشن ان سنڌ (PINS)

ماهرا سومرو
مانيٽرنگ ايويليشن اسسٽنٽ (PINS) پروگرام

سنڌ ۾ ٻهراڙي جا ماڻهو سخت مصيبتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ڪاڻ خوراڪ جي گهٽتائيءَ سبب سنڌن صحت سخت متاثر ٿي رهي آهي. ڳورهاريون ۽ ٿڃ پيئاريندڙ عورتن کي بهتر غذا ۽ ڪاڻ خوراڪ ميسر ناهي. اڪثر ٻهراڙين ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر ڪونه آهي. جنهن جي ڪري عورتن جي عمر ۽ صحت ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي. سنڌن نوان ڄاول ٻار ڪمزوري جو شڪار آهن.

FAO جي سروي موجب سنڌ جي آباديءَ جو 50% سيڪڙو ڪاڻ خوراڪ جي گهٽتائي کي منهن ڏئي رهي آهي. WORLD BANK - UNICEF - PESFA سروي ڪندي رپورٽون شايع ڪيون آهن ته ٻهراڙين ۾ پنجن سالن جي عمر وارا ٻارڙا 48% ڪمزور ۽ سوڪهڙي جو شڪار آهن، انهيءَ جو سبب آهي ته ماءُ ۽ ٻار کي سٺي غذا، خوراڪ جي سهوليت ميسر نه آهي. انهن لاءِ صاف پاڻي ۽ بهتر ليٽرين جي سهوليت پڻ هڪ وڏو مسئلو آهي. نيڪال جو نظام ڪونه آهي وغيره وغيره.

مٿئين مسئلي جي ڪري واضع امڪان آهي ته 48% سيڪڙو متاثر ٻارن جي سٺي واڌ ويجهه ڪونه ٿي سگهندي سندن ذهني ۽ جسماني حيثيت صحتمند ٻار جهڙي ڪونه هوندي، جنهن جي ڪري هو مستقبل جا معمار ڪونه ٻڻجي سگهندا. اهڙي افسوسناڪ صورتحال کي ڏسندي سنڌ سرڪار Accelerated Action Plan (AAP) منظور ڪيو ۽ سنڌ جي ڏهن ضلعن ۾ يورپي يونين کان مالي معاونت حاصل ڪئي.

ان پروگرام تحت ڏهن ضلعن جون 50% يونين ڪائونسلز RSP ڪور ڪندي ڳورهارين ۽ کير پيئاريندڙ عورتن کي به غذا جي باري ۾ ڄاڻ فراهم ڪنديون. پنجن سالن جي عمر تائين جا ٻارڙا جيڪي ڪمزوريءَ جو شڪار آهن انهن تي پڻ توجهه ڏني ويندي.

جيئن ته سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اهڙي پروگرام جو افتتاح ڪري چڪو آهي، جنهن ۾ يورپي يونين جا نمائندا، چيئرمين RSPN شعيب سلطان خان ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.




سرسو جا ٽي ضلعا شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ پڻ ان پروگرام ۾ شامل آهن. هي پروگرام جيڪو ٽي سال ڇهه مهينن تائين هلندو، تنهن کان پوءِ سنڌ حڪومت هن کي جاري رکندي، هن پروگرام مان واضح امڪان آهن ته ماءُ ۽ ٻار جي صحت ۾ ڪافي بهتري ايندي.

گڏوگڏ گندي پاڻيءَ جو نيڪال، پيئڻ جو صاف ۽ مٺو پاڻي (WASH) غذائي فصلن جي پيداوار جي وڌائڻ جهڙا بهترين ڪم ڏنا ويندا.

# ”سرتيون سنگ“ هُنري نمائش

## ڪراچي جي ڊالمن مال ۾ سنڌ جا رنگ نکري پيا

بخت علي ابڙو

هنري نمائشي پروگرام هر دؤر ۾ هنرمندن ۽ هنر جي قدردانن جي توجهه جو مرڪز رهيا آهن، جتي هنرمندن جي هنر جي قدرداني سان گڏوگڏ ڪين مختلف ادارن يا ڪاروباري فردن پاران آچون پڻ ملنديون آهن. جيئن ته سرسو انٽرپرائيز ڊولپمينٽ سيڪٽر گذريل ڇهن سالن کان ٻهراڙيءَ جي هنرن کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ ڪوشان رهي آهي. انهيءَ سفر جو هڪ باب هي هنري ڪم جون نمائشون ۽ ميلا پڻ آهن.

4 کان 6 مئي 2018ع تي ڪراچي شهر جي ڪلفٽن واري علائقي ۾ واقع ڊالمن مال ۾ سرتيون سنگ ڪرافٽس ايگزيبيشن ۾ ان وقت هرطرف سنڌي ثقافت جا رنگ نکري پيا. جڏهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن . سرسو پاران نمائشي ميلو لڳايو ويو جنهن جو مکيه مقصد ٻهراڙين جي عورتن جي هٿ جي هنر کي شهري ماڻهن تائين پهچائڻ ۽ گڏوگڏ هنن محنت ڪش ڪاريگر عورتن جي معاشي حالت کي سهارو ڏيڻ پڻ هو.

ٽن ڏينهن واري ”سرتيون سنگ ثقافتي هنري نمائشي تقريب‘‘ جو ٻُڌي ڊالمن مال ۾ خريدارن جي پيهه وڌي وئي. سنڌ جي اُترين ضلعن سان تعلق رکندڙ ڳوٺاڻين عورتن جي هٿن سان ناهيل منفرد شيون ڏسڻ ۽ خريد ڪرڻ لاءِ جهجهي تعداد ۾ عورتون ۽ مرد پهتا. شهري عورتون شين ۾ اهڙي ته دلچسپي وٺي رهيون هيون ڄڻ ته ڪين سمورو سال اِنَ ميلي مان ناياب شيون خريد ڪرڻ جو انتظار هو.

هن نمائشي ايگزيبيشن جو افتتاح وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي صوبائي وزير محترمه ارم خالد ڪيو. جنهن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سرسو جو هي تمام بهترين ڪم آهي. جو ڳوٺاڻين عورتن جي ناهيل سُون جهڙين سوکڙين کي وڏن مارڪيٽن ۾ متعارف ڪرائين ٿا ۽ هن هنر کي شهري آبادي ۾ ڪٽي اچڻ جو هڪ مقصد هِي به آهي ته ٻهراڙيءَ جي هنرمند عورتن کي سنو ناڻو ڪمائڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ هن قديمي ثقافت کي ميڊيا ذريعي ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ پذيرائي پڻ ملي ٿي.

محترمه ارم خالد وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ٻهراڙين وارن علائقن ۾ غربت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ شاندار ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن نمائش ۾ هٿ جي هنر واريون شيون انهن ئي



عورتن جون ناهيل آهن. جن جي گهرن ۾ پهريان غربت هوندي هئي. سندن کو رستو ڪا واهر نہ پئي ٿي تہ جيئن هو پنهنجي خاندان لاءِ ناڻو ڪمائي ٻارن جي بهتر پالنا ڪري سگهن. سنڌ حڪومت سرسو سان گڏجي اهڙين غريب ۽ هنرمند عورتن جي چونڊ ڪري انهن کي پرت، رلي، گج، موڙا، شوپيس، کُسا ۽ ٻين انيڪ شين کي نئين دور جي گهرجن پٽاندر تربيتون فراهم ڪيون ۽ اڄ اهي عورتون هن ميلي ۾ پنهنجي هٿن سان تيار ڪيل شيون کڻي آيون آهن.

وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي صوبائي وزير چيو تہ اهڙي قسم جا ميلا تيستائين ڪامياب نٿا ٿي سگهن ۽ پنهنجو مقصد حاصل نٿا ڪري سگهن، جيستائين ان کي ميڊيا ذريعي مشهور نٿو ڪيو وڃي. منهنجي اوهان سڀني کي اپيل آهي تہ سرتيون سنگ ڪرافٽس ايگزيبيشن کي ميڊيا ذريعي وڌ ۾ وڌ مشهور ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان سنڌي ثقافت بہ نروار ٿيندي ۽ خريدارن جي ڀرپور شرڪت بہ ممڪن ٿي سگهندي. جيڪو هنرمند عورتن لاءِ حوصلاافزائي ۽ ناڻي ڪمائڻ جو باعث بڻجندو. جڏهن تہ تمام وڏندڙ ڳالهہ اها بہ آهي جو اڄ هڪ چِٽ جي هيٺان سنڌ جا سڀئي رنگ ڏسڻ لاءِ ملي رهيا آهن ۽ اسين پنهنجي سنڌ کي بہ ايئن ئي خوشحال ۽ رنگين ڏسڻ چاهيون ٿا.

سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو تہ اهڙي قسم جا ثقافتي ميلا منعقد ڪرائڻ جي پٺيان اسان جو هڪ مقصد هي آهي تہ ٻهراڙين جي هنرمند ڳوناڻين غريب عورتن جي هٿ جي ڪاريگريءَ کي شهر جي وڏين مارڪيٽن تائين پهچايون تہ جيئن هو پنهنجي هٿن سان ناهيل سامان کي شهر جي وڏن شاپنگ مالز ۾ پاڻ مرادو وڪرو ڪن. ائين ڪرڻ سان ڪين ٻين مارڪيٽن جي بنسبت سٺو معاوضو ملي وڃي ٿو جيڪو اسان جو مقصد آهي. اسان جي هرممڪن اها ڪوشش رهي آهي تہ هي ضرورتمند غريب عورتون خوشحال زندگي گذارين. مان ڪراچي جي مڙني ميڊيا جي نمائندن جو نهايت ئي شڪرگذار آهيان،



جن سهڻي انداز سان هن ايگزيبيشن کي ڪوريج ڏئي نہ صرف هٿ جي ٺهيل شين کي گهرن ۾ ويٺل عورتن تائين پهچايو آهي. بلڪ انهن عورتن کي هن ميلي ۾ شرڪت ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

هن وڌيڪ چيو تہ ميلي ۾ لاڙڪاڻي، سکر، شڪارپور، خيرپور، جيڪب آباد، ڪشمور-ڪنڌڪوٽ ۽ ٻين ضلعن سان تعلق رکندڙ هنرمند عورتون موجود آهن. توهان جي پاران حوصلا افزائي ئي سندن ارادن ۾ وڌيڪ پختي ۽ معياري ڪم ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي. مان ميڊيا ذريعي ڏسندڙن کي اپيل ٿو ڪيان تہ هڪ دفعو هن ميلي ۾

شرڪت ضرور ڪيو تہ جيئن ڀهراڙين مان آيل هنن هنرمند عورتن جي حوصلاافزائي سان گڏ آمدني بہ ٿي سگهي. مون کي بيحد خوشي ٿي آهي جو ميلي ۾ خريداري ڪندڙ اڪثر عورتن جو اهو رايو ٻڌڻ ۾ آهي تہ اهڙي قسم جا ميلا هرسال نہ بلڪہ هر مهيني لڳايا وڃن. ڇو تہ هن ”سرتيون سنگ ڪرافٽ ايگزيبيشن“ ۾ اهڙا ڪيترائي لباس، پرس، بيڊ شيٽون، چادرون، وهاڻا، ڪُشن ۽ ٻيو هينڊي ڪرافٽس جو سامان موجود آهي جيڪو اسان کي ڪراچي ۾



ٻيو ڪٿي بہ آسانيءَ سان هڪ جاءِ تي ملي ناهي سگهندو.

هنري ميلي ۾ سينيٽر محترمہ شازيہ عطا مري پڻ خصوصي طور تي شرڪت ڪئي ۽ لڳايل سڀني اسٽالن جو جائزو ورتو ۽ هنرمند عورتن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ هنن جي ڪيل ڪم جي ساراهہ پڻ ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي شازيہ عطا مري چيو تہ مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تہ ڪراچي جي هن وڏي شاپنگ مال ۾ اهڙي قسم جو ميلو لڳايو ويو آهي. جيئن تہ سنڌي ثقافت قديمي آهي. اسان جي ٻهراڙين ۾ انيڪ ثقافتي هنر موجود آهن. جنهن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سرسو پاران هن قسم جا نوان قدم واکاڻ جي لائق آهن.

سرسو پاران تربيت حاصل ڪندڙ عورتن جي هٿن سان ناهيل ”سُون جهڙيون شيون“ اڄ هتي چمڪي رهيون آهن. ان ڪم ۾ ڳوٺاڻين عورتن جي محنت، جفاڪشي ۽ پورهيو شامل آهي. اهڙي محنت کي جهڙي نموني سرسو اداري اُتساهيو آهي ۽ غريب عورتن جي لاءِ روزگار جو ذريعو بڻايو آهي. انهيءَ لاءِ سرسو جي ٽيم جَسُ لهڻي.

آخر ۾ سينيٽر صاحبہ چيو تہ جيئن تہ گُلدستي ۾ شامل سڀني گلن جي هڪ جهڙي خوبصورتي ۽ اهميت هوندي آهي. پر مون کي هن ميلي ۾ سڀني کان وڌيڪ عورتن جا لباس، چادرون ۽ رليون پسند آيون آهن. جيڪي مون خريد پڻ ڪيون آهن. منهنجي خواهش آهي تہ اهڙي قسم جا ميلا لڳاتار لڳندا رهن تہ جيئن اسان جي ثقافتي شين کي پذيرائي ملي.

ٽئين ۽ آخري ڏينهن تی ميلی ۾ شهرين کانسواءِ غيرملڪی مهمانن هٿ سان ناهيل گهريلو شين پوشاڪون، اجرڪ، ڪڙتا، بلوچي گج، سنڌي ٽوپيون، بيڊ شيٽون، رواڻ رليون، فرنيچر، ڊيڪوريشن پيسز خالص چمڙي مان تيار ٿيل هينڊ بيگ ۽ ٻين ثقافتی شين ۾ گهري دلچسپی وٺڻ سان گڏوگڏ خريداري پڻ ڪئي. ان موقعي تي مقامي فنڪارن ثقافتي گيتن تي جهمريون هڻندي ڏسندڙن کان خوب داد حاصل ڪيو.

# لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ’’اتحاد‘‘ گھوٽڪي جي آفيس جو افتتاح ۽ ”ايل ايس او ڪانفرنس“



عاشق ڪلوڙ
ڊسٽرڪٽ مئنيجر گھوٽڪي

3 مئي 2018ع تي ڳوٺ شير محمد مهر يونين ڪائونسل پيٽور تعلق خانڳڙهه ضلعو گھوٽڪي ۾ ايل ايس او ڪانفرنس ٿي گذري. جنهن ۾ گھوٽڪي ضلعي جي سمورين لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز (LSOs) جي ميمبرن ۽ ٻين شرڪت ڪئي. انهيءَ موقعي تي LSO اتحاد جي آفيس جو افتتاح سرسو چيف فنانس آفيسر زاهد ڪريم شهر پنهنجي هٿن سان ڪيو.
تلاوت ڪلام پاڪ کان پوءِ تقريب ۾ LSO اتحاد جي صدر مسمات خانڻ سيني آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪئي ۽ ايل ايس اوز ميمبرن جي ڀرپور شرڪت تي شڪريو ادا ڪيو. انهيءَ موقعي تي مسمات خانڻ تنظيم جي ڪارڪردگي پيش ڪندي چيو ته اسين معاشري ۾ پنهنجي ڳوٺن جي ڀلائيءَ جا ڪم سرانجام ڏئي رهيون آهيون جنهن تي اسان کي خوشي ۽ فخر آهي. اسان پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ هٿ جي هنر کي هٿي وٺرائي آهي ۽ ضرورت مند عورتن کي آسان قرض پڻ ڏياريو آهي ته جيئن غريب عورتن کي پنهنجي گذر سفر جو ذريعو ملي سگھي ۽ هو ڪنهن ٻئي جون محتاج نه ٿين.
هن ڪانفرنس ۾ هنرمند ڪاريگر عورتن جي هٿ سان ناهيل شين جنهن ۾: چادرون، شال، رليون، ڪُسا، ڀرت ڀريل ڪپڙن جا اسٽال پڻ لڳايا ويا. ڳوناٽين عورتن جي پورهئي کي آيل مهمانن ڀرپور ساراهيو، انهيءَ موقعي تي اسٽال تي موجود عورتون ٻه سرسو اداري جي واڪاڻ ڪان رهي نه سگھيون ۽ چيو ته سرسو اسان جي ڀرپور مدد ۽ رهنمائي ڪئي آهي ۽ اسان کي پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم ڪرڻ جو شعور ڏنو آهي. ان سان گڏوگڏ اداري اسان کي آسان قسطن تي قرض جي سهوليت پڻ ڏني آهي، ۽ اسان جي مالي سهائتا پڻ ڪئي وئي آهي. جنهن وسيلي اسان مختلف



قسم جا ڪاروبار ڪري پنهنجي گهرن منجهہ معاشي خوشحالي آندي آهي.

تنهن بعد تقرير ڪندي ڊاڪٽر فياض احمد (ميڊيڪل سپرينٽينڊينٽ سول اسپتال خانپور) چيو تہ هنن عورتن جي جذبي ۽ همت کي ڏسي مون کي بيحد خوسي ٿي آهي. ڇوتہ معاشرو ايستائين نہ ٿو سڌري سگهي جيستائين ان کي سڌارڻ ۾ عورت جو ڪردار شامل نہ آهي. بلڪل ايئن جيئن گهر کي سڌارڻ ۾ عورت جو ڪردار شامل هوندو آهي.

هن چيو تہ عورت جو پڙهيل لکيل هجڻ بہ لازمي آهي ڇوتہ هوءَ پنهنجي ٻارن ۽ گهر جي صحت ۽ تعليم جو سنو خيال رکي سگهي ٿي. ڊاڪٽر بشير احمد پيٽو (ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن EPI) پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ عورت جو ڪردار گهر کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم هوندو آهي ۽ هن جو پڙهيل لکيل ۽ صحت مند هجڻ بہ لازمي آهي. اڄ جي عورت سجاڳ آهي. سرسو اداري انهن کي سجاڳي ڏني آهي. ان جو اهو نتيجو حاصل ٿيو آهي تہ اڄ مختلف ڳوٺن جون ڪيتريون ئي عورتون هن پنڊال ۾ موجود آهن. يقينن اها سرسو جي وڏي ڪاميابي آهي. جنهن تنظيمن ۾ عورتن کي متحد ڪري هڪ نرالو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. انهيءَ موقعي تي ڊاڪٽر چيو تہ سرسو اهڙي قسم جا پليٽ فارم ناهڻ تي جس لهڻي. اميد ٿي ڪجي تہ سرسو ادارو هتان جي غريب عورتن لاءِ اڃان بہ وڌيڪ پنهنجو خدمتون سرانجام ڏيندو رهندو.

انهيءَ موقعي تي IRD جي فيلڊ ڪوآرڊينيٽر الطاف گجر چيو تہ اسان جو معاشرو تڏهن بهتر ٿيندو جڏهن عورت پنهنجي گهر کان شروعات ڪندي ان کي بهتر بڻائيندي ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن اهڙي قسم جون گڏجاڻيون منعقد ٿينديون رهن. اسان جي ڳوٺن ۾ اهڙي قسم جون تنظيمون جڙنديون رهنديون ۽ تنظيمي عورتون وري هرهڪ عورت کي پنهنجي صحت ۽ تعليم بابت آگاهي ڏينديون رهن جو تہ ڪڙي ڪڙيءَ سان ملندي تہ معاشري ۾ سڌارو ايندو.

ريجنل مئنيجر نياز هنگوري LSO-Ithad جي آفيس کلڻ ۽ ڪانفرنس ڪوٺائڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ LSO جي آفيس کلڻ سان سيئي تنظيمون هڪ جاءِ تي گڏ ٿي صلاح مشوري سان گڏجي ڪم ڪري سگهنديون جيڪا تمام سني ڳالهہ آهي. منهنجو تنظيم جي مڙني عورتن جي جاکوڙ ۽ جستجو کي سلام آهي جو تہ توهان پنهنجي غريب عورتن جي درد کي محسوس ڪيو ٿيون. توهان کي جَسُ آهي جو توهان تنظيمي مالها ۾ مڙهجي هر ڏکئي وقت جو مقابلو ڪرڻ جي سگهہ رکو ٿيون، سرسو جو مقصد بہ اهوئي آهي تہ عورتن کي مستحڪم ڪجي ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت غربت کي گهٽ ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن.

انهيءَ موقعي تي زاهد ڪريم شر (چيف فنانس آفيسر سرسو) چيو تہ سرسو جو مقصد بہ اهو آهي تہ ڳوٺاڻين غريب عورتن کي غربت جي چار مان آجو ڪرائجي. انهيءَ سلسلي ۾ سرسو اندر ڪوڙ سارا پروگرام هلي رهيا آهن. جنهن ذريعي عورتن کي تنظيمي ۽ هنري تربيتون پڻ فراهم ڪيون پيون وڃن. اسان جي هميشہ اها ڪوشش رهي آهي تہ عورتن کي گڏ ڪري انهن جون تنظيمون جوڙجن ۽ کين هنري سکيائون ڏجن تہ جيئن هو پنهنجي گهر کي ۽ ڳوٺ جي باقي عورتن جي مدد ۽ رهنمائي ڪري سگهن. جٽادار ترقي جو اهو اهم نسخو آهي جنهن وسيلي ٻهراڙيءَ جي عورتن کي سگهارو ڪري ٻهراڙين مان غربت جي وبا جو علاج ڪري سگهجي ٿو.

آخر ۾ مختلف تنظيمن جي عورتن پنهنجي پنهنجي تنظيمن جي ڪارڪردگي ٻڌائي ۽ چيو تہ اسان جي پڻ اها ڪوشش آهي تہ اسان پنهنجن ڳوٺن ۽ يونين ڪائونسلز ۾ ڀلائي جا ڪم ڪريون، جو تہ سرسو اداري اسان کي موقعو فراهم ڪري ڏنو آهي. جيڪو اڳ اسان لاءِ ممڪن ئي نہ هو. اڄوڪي تقريب جي هن پنڊال ۾ توهان جي سامهون ڳوٺاڻي عورتن پُرجوش تقريرون ڪيون آهن، اهو پڻ تبديلي جو ڇٽو اهڃاڻ آهي.

ڪانفرنس ۾ موجود گورنمينٽ جي آفيسرن عورتن جي ڪيل ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو ۽ چيو تہ ڀلائيءَ جي انهيءَ ڪم ۾ اسان توهان سان گڏ آهيون، توهان کي ڪٿي بہ ڪا رڪاوٽ پيش اچي تہ اسان توهان جي مدد ۽ رهنمائي ڪرڻ لاءِ پيش پيش هونداسين.

آخر ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جي صدر مسمات خانڻ آيل سيني تنظيمي ميمبرن ۽ معزز مهمانن جا ٿورا مڃيا، تنهن بعد پروگرام جي خوشگوار پڄاڻي ٿي.

# ننڍي سطح جي قرض (CIF) مان حاصل ڪيل فائدو

شاهد حسين لاڪو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر - شڪارپور

ڪاميابيءَ جو مطلب آهي، محنت ۽ جاکوڙ ذريعي مثبت ۽ ڀرپور نتيجا ملڻ. ذاتي خوشحالي، هڪ پنهنجو گهر، نيون نيون شيون، معاشي تحفظ، پنهنجن ٻارن کي وڌ کان وڌ فائدا ڏيڻ، سماجي زندگيءَ ۾ ڪو مقام ماڻڻ، پريشانين کان ڇوٽڪارو، احساس محروميءَ کان آجپو ۽ ذاتي عزت، مطمئن زندگي ۽ وڌيڪ انهيءَ قابل ٿيڻ ته جن ماڻهن جو اوهان تي دارو مدار آهي، اُنهن لاءِ گهڻو ڪُجهه ڪرڻ.

جيڪي ماڻهو ڪاميابيءَ تي يقين رکن ٿا اهي مسئلن کي حل ڪرڻ جي واٽ به ڳولهي وٺن ٿا.

عام طرح ماڻهن ۾ يقين جي گهٽتائي هوندي آهي، پر ڪجهه ماڻهو يقين سان ٿمٽار هوندا آهن. جيئن مسمات رحمت آهي. سندس تعلق ڳوٺ مجاور انڊڙ يونين ڪائونسل سيهواڻي تعلقي لکي ضلعي شڪارپور سان آهي ۽ هوءَ ايل ايس او (LSO) ”سنڌ سرهاڻ“ جي خزانچي پڻ آهي.

مسمات رحمت پنهنجي ڪٿا ٻڌائيندي چيو ته پهريان اسان وٽ تنظيمن جو ڪو تصور ئي نه هُو، ۽ نه وري اسان ڪڏهن سوچيو هو ته ڪو اسان جون ايئن تنظيمون جڙنديون ۽ اسين وڏن ميڙاڪن ۾ ٻاهر وڃي ڳالهائينداسين.

ڇوته اسان جي مٿان تمام گهڻي سختي هوندي هئي ۽ اسان عورتن کي اوڙي پاڙي ۾ به ڪنهن شادي غمي کان سواءِ ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نه هوندي هئي. ڇڻ ته ڪنهن قبائلي علائقي ۾ هجون.

جڏهن سرسو جي ٽيم هن علائقي ۾ آئي ۽ تنظيمن ٺاهڻ جو چيائون ته اسان جا ڳوٺاڻا (مرد) ڪاوڙجي پيا ۽ ويتر سختي ڪيائون. ڪجھ عرصي کان پوءِ منهنجي مسلسل ڪوشش آخر رنگ لاتو ۽ مون پنهنجي گهر وارن کي مڃائي ورتو ڇو ته سرسو ٽيم اسان کي ٻڌايو ته هي توهان جي ڳوٺ ۽ غريب عورتن جي ڀلائيءَ جو ڪم آهي، جيڪو توهان سان گڏجي اسان کي ڪرڻو آهي.

مون ڪجھ عورتن کي گڏ ڪري سرسو ٽيم سان ملايو ۽ تنظيم ”بلقيس“ ٺاهي ورتي، تنظيمي عورتن به گڏجاڻيون



ڪيون ۽ ڪجھ بچت گڏ ڪئي، تنظيم جڙڻ ڪانپوءِ اسان ڳوناٺين عورتن جي هر ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي جي پرگھور پئي لڌي، جيڪو پهريان اسان وٽ ڪڏهن نہ ٿيو هو. اهڙي طرح سرسو ٽيم بہ اسان سان مڪمل ساٿ ڏنو ۽ اسان جون تنظيمون جڙنديون ويون، غريب عورتن لاءِ اسان سرسو اداري کان قرض جي گھر ڪئي، جنهن ۾ مان بہ شامل هيس، اسان جي تنظيم طرفان موڪليل قرارداد کي ڏسي سرسو اسان کي قرض ڏنو. مون کي بہ -/22000 مليا مون ان وقت -/20,000 هزارن ۾ هڪ ڳئون ورتي ۽ باقي -/2000 هزارن جي ڪڙ ۽ ڪَٽِي ورتي.

مون کي ٿوري گھڻي جيڪا سلائي ايندي هئي، گھر ۾ ڳوٺ وارين ۽ پرپاسي جي عورتن جا ڪپڙا سلائي ڪندي هئس. جنهن مان بہ ڪجھ آمدني ٿيندي هئي. ڪجھ عرصي بعد مون قرض جي رقم آهستي آهستي جمع ڪرائيندي پئي ويس. ۽ ٻيهر -/25000 هزارن لاءِ قرارداد لکي ڏني، جيڪا پڻ اداري جاچ پڙتال ڪانپوءِ منظور ڪئي. مون اها رقم پنهنجي گھر واري کي ڏني جنهن ان رقم مان زمين لاءِ ٻج ياڻ خريد ڪيو ۽ وياج جي ڳري رقم کان بچي وياسين.

ٻن سالن جي عرصي ۾ ڳئون بہ هڪ ڦر ڏنو ۽ خير سان کير ڏيڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح گھر ۾ ٻارن لاءِ کير بہ ٿي پيو. ڪجھ کير وڪرو بہ ڪندي رهيس، اهڙي طرح ماهوار آمدني بہ حاصل ٿيڻ لڳي.

حڪومت سنڌ - سرسو اسان کي هن وقت ٽن ڳئن جو مالڪ بڻايو آهي، ان کان وڌيڪ ٻيو اسان کي ڇا گھرجي. سرسو جي ڪميونٽي سيڙپڪاري فنڊ (CIF) اسان کي تمام گھڻو فائدو ڏنو آهي. اسان جون ڳئون ڏسي ڳوٺ جا ماڻهو چوندا آهن تہ سرسو مان توهان سنو فائدو حاصل ڪيو آهي.

مسمات رحمت چيو تہ سرسو جو هي پروگرام ايترو تہ سنو آهي جو هاڻي غريب ڳوناٺن کي ٻئي ڪنهن کان وياج وٺڻ جي ضرورت نٿي پوي. اڳ اسان جيڪا زمين ڪندا هئاسين تہ ٻج ياڻ وياج تي وٺڻو پوندو هو ۽ آخر ۾ اسان جي سموري محنت جو ثمر قرض جي وياج ۾ هليو پئي ويو ۽ اسان لاءِ ڪجھ بہ نہ پئي بچيو.



مسمات رحمت ٻڌايو تہ ٽن ڳئن مان هڪ ڳئون وڪڻي مون پنهنجي لاءِ هڪ نئين سلائي مشين ۽ ڪجھ ڪپڙا خريد ڪيا آهن. انهن خريد ڪيل ڪپڙن مان وڪري لاءِ رليون ناهيندي آهيان، جيڪي سرسو اداري معرفت وڪرو پڻ ڪندي آهيان جنهن مان پڻ سٺي آمدني ملي ويندي آهي. الله جي ڪرم سان هن وقت گھر جو گذرسفر بهتر هلي رهيو آهي ۽ هاڻي مون قرض وٺڻ ڇڏي ڏنو آهي. بلڪ تنظيم جي گڏيل صلاح سان مون هڪ تنظيم جي غريب ميمبر کي قرض ڏنو آهي. انهيءَ اميد سان تہ هوءَ بہ هن رقم کي بهتر استعمال ڪري سنو فائدو حاصل ڪندي.

مسمات رحمت وڌيڪ ٻڌايو تہ ڳئن جي کير ۽ رلين جي آمدني مان الله جي فضل سان ايترو ڪجھ ملي رهيو آهي جو مان هاڻي پاڻ ڪنهن مجبور عورت کي ڏکئي وقت ۾ مدد ۽ اوڌر رقم پڻ ڏيندي آهيان جوتہ مان پاڻ انهيءَ CIF کان اڳ ۾ تمام گھڻي مجبور هوندي هُيس ۽ مجبوريءَ ۾ مون کي اوڌر بہ وٺڻي پوندي هُئي.

حڪومت سنڌ اسان غريبن مٿان هڪ احسان ڪيو ۽ سرسو ادارو اسان جي لاءِ هڪ روشن ڏيئو بڻجي آيو جنهن اسان جي غربت کي خوشحاليءَ ۾ تبديل ڪيو.

*

# بينظير انڪم سپورٽ پروگرام وسيلہ تعليم پروجيڪٽ جيڪب آباد جي ابتدائي تقريب

بابر جاگيراڻي

11 اپريل 2018 تي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام Benazir Income Support Programme وسيلہ تعليم Waseela-e-Taleem پروجيڪٽ جيڪب آباد جي ابتدائي تقريب جيڪب آباد جي جمس (جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل اينڊ سائنس) ڪانفرنس هال ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جيڪب آباد پاران منعقد ڪئي وئي. تقريب جو مهمان خاص محترم نعيم احمد سنڌو (ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد) سان گڏ بلال سليم (اسسٽنٽ ڪمشنر جيڪب آباد) ، محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو (چيف ايڪزيڪيوٽو آفيسر سرسو)، محترمہ آپا زهره ڪوسو (ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر جيڪب آباد)، حافظ عبدالشڪور (ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر)، محترم نعمت الله شيخ (مئنيجر سوشل سروسز سيڪٽر سرسو)، محترم محمد علي لغاري (ڊائريڪٽر جمس جيڪب آباد)، محترمہ نسرين (آر ايس پي اين آفيسر)، محترم گل بليدي (سماجي اڳواڻ)، منصب شيخ (سياسي اڳواڻ)، محترم منظور جلباڻي (ڊسٽرڪٽ مئنيجر سرسو جيڪب آباد)، محترم بابر جاگيراڻي (مانيٽرنگ آفيسر سرسو)، محترمہ فريده ناز سان گڏ ڪيترين ئي بينظير مالي معانت ڪارڊ رکندڙ عورتن شرڪت ڪئي.




پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. پروگرام جي سلسلي ڪي اڳتي وڌائيندي منظور جلباڻي سمورن آيل معزز مهمانن ڪي پليڪار ڪندي چيو تہ مان توهان جو نهايت ئي شڪر گذار آهيان جو توهان پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهہ گهڙيون ڪڍي هتي اچي اسان جو مانُ مٿانهون ڪيو آهي، سرسو هميشہ ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماڻهن جي ڀلائي لاءِ هرممڪن ڪوششون ڪري رهي آهي، اسان جي اها بہ ڪوشش رهي آهي تہ ٻهراڙين ۾ رهندڙ ٻارن ڪي تعليم جي ميدان ۾ بہ اڳتي آڻجي، انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي اڄ جو هي پروگرام پڻ آهي،

خاص ڪري محترم نعيم احمد سنڌو (ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد) ۽ ٻين سمورن مهمانن ۽ معززين جن هن ابتدائي تقريب ۾ شرڪت ڪري اهو واضح ڪيو آهي ته اسين سڀ پنهنجي ايندڙ نسلن جي تعليم جي اهميت بابت نهايت ئي سنجيده آهيون.

سنڌي مهمان نوازي جي روايت کي برقرار رکندي سمورن مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا. انهيءَ موقعي تي نعمت الله شيخ (مئنيجر سوشل سروسز سيڪٽر) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام وسيلہ تعليم پروجيڪٽ جو تعارف پيش ڪندي چيو ته 'وسيلہ تعليم پروجيڪٽ' بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت فائدو حاصل ڪندڙ گهراڻن لاءِ هڪ خوشخبري آهي. جو ته هن پروگرام تحت اهي غريب عورتون جيڪي BISP ڪارڊ وسيلي غير شرطيہ رقم Unconditional Grant وصول ڪري رهيون آهن. اهي پنهنجن ٻچڙن (جن جي عمر 4 کان 12 سال آهي) جن پرائمري تعليم مڪمل نہ ڪئي آهي. انهن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائي 250 رپيا ماهوار ۽ 750 هر ٽہ ماهي قسط ۾ مشروط رقم Conditional Grant طور ڏني ويندي. جڏهن ته هي پروجيڪٽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام BISP آر ايس پي اين RSPN ۽ سرسو SRSO سان گڏجي ضلعي ڪشمور - ڪنڌڪوٽ ۽ جيڪب آباد ۾ شروع ڪيو آهي جنهن جو مقصد ٻنهي ضلعن اندر 147000 ٻارن جي داخلا Enrollment کي يقيني بڻائڻ آهي.

تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص محترم نعيم احمد سنڌو (ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد) چيو ته معاشرتي ترقي تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندي آهي جڏهن تعليم ذريعي ان جي تعمير ٿئي. اها واقعي تمام وڏي خوشخبري آهي ته جيڪي عورتون بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مالي سهڪار وسيلي غربت جي خاتمي لاءِ جاکوڙي رهيون




آهن ۽ هي انهن غريب عورتن لاءِ سونهري موقعو آهي ته هو پنهنجي ٻارن کي تعليم جهڙي زيور سان نوازي غربت مان آجپو ماڻي سگهن ٿيون. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ڪارڊ رکندڙ BISP Card Holder عورتن سان مخاطب ٿيندي ڊي. سي چيو ته 'اوهان پنهنجي ايندڙ نسلن جي معياري تعليم تي توجهہ ڏيو ۽ ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرايو يقينن ائين ڪرڻ سان غربت ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي'.

انهيءَ موقعي تي محمد ڏتل ڪلهوڙو (چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر- سرسو) پنهنجي خطاب ۾ چيو ته تعليم جي لاٽ وسيلي ٻارڙن جي ايندڙ مستقبل کي روشن ڪري سگهجي ٿو. اها منهنجي ذاتي خواهش آهي ته ٻهراڙين ۾

تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويجي چو تہ تعليم ئي واحد ذريعو آهي جنهن وسيلي انساني زندگيءَ کي سنواري سگهجي ٿو ۽ غربت مان نجات ماڻي سگهجي ٿي.




اهو ساڳيو ئي مقصد آهي 'وسيلہ تعليم پروجيڪٽ' جو جنهن تحت بينظير مالي معانت ڪارڊ رکندڙ عورتون پنهنجي اولاد کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائي انهن جي 70 سيڪڙو حاضري کي يقيني بڻائي نہ فقط طئي ڪيل شرطيہ رقم حاصل ڪري سگهن ٿيون پر تعليم جهڙي املهہ زيور سان پڻ نوازي سگهن ٿيون. اميد آهي تہ اوهان جي ڀرپور تعاون وسيلي ئي هي پروجيڪٽ پنهنجو هدف پڻ ڪامراني سان حاصل ڪري سگهي ٿو.

محترمہ آپا زهره ڪوسو (ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر جيڪب آباد)، حافظ عبدالشڪور (ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر)، محترم محمد علي لغاري (ڊائريڪٽر جمس جيڪب آباد)، محترمہ نسرين (آر ايس پي اين آفيسر)، محترم گل بليدي (سماجي اڳواڻ)، منصب شيخ (سياسي اڳواڻ) پنهنجا ويچار ونديندي چيو تہ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن . سرسو هميشہ سماجي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. سرسو جو سمورو ڪم واکاڻ جي لائق آهي، هن پروجيڪٽ بابت پر اميد آهيون تہ سرسو عملو هن پروجيڪٽ کي پنهنجي سچائيءَ ۽ جاکوڙ سان سوڀارو ضرور بڻائيندو ۽ اسان جو سهڪار بہ اوهان سان هميشہ رهندو. آخر ۾ سموري آيل مهمانن ۾ شرڪت ڪندڙ جو شڪريو ادا ڪيو ۽ هن تقريب جي پڄاڻي ٿي.

*

# سنڌ بيسڪ ايجوڪيشن پروگرام

عاصمه پروين
اڪيڊمڪ ڪوآرڊينيٽر
گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول نمائش ڪالوني سکر



دنيا ۾ هر ملڪ جو پنهنجو تعليمي نظام آهي، جيئن جيئن دنيا ترقي ڪري رهي آهي ۽ هر شعبي ۾ جديد لاڙا جنم وٺي رهيا آهن تيئن ئي تعليم جي شعبي ۾ تبديليون ۽ جدت اچي رهي آهي. ترقي يافته ملڪن جو تعليمي نظام انتهائي موثر ۽ بهتر آهي ۽ اهي وقت سان گڏ ان ۾ بهتري وارا منصوبا به شامل ڪري رهيا آهن.

اسان جنهن دور ۾ هلي رهيا آهيون اهو دور سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ جو دور آهي. ۽ دنيا تيزيءَ سان تبديليءَ جي طرف وڌي رهي آهي هر شعبي کي ڪمپيوٽر سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

چوندا آهن ته تبديليءَ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي پر، جڏهن اِها تبديلي فردن بجاءِ پوري معاشري سان لاڳاپيل هجي ته پوءِ ان تبديليءَ لاءِ مستقل بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي آهي. ممڪن آهي ته تبديليءَ جي ان سفر ۾ ڪي رڪاوٽون به اچن ۽ اهو سفر اجان به ڏکيو ٿي پوي. تنهنڪري اهڙي ڏکئي سفر تي هلندي اسان کي پنهنجون حڪمت عمليون به تمام گهڻي مهارت سان جوڙڻ جي ضرورت پوي ٿي.

2010ع واري مها ٻوڏ دوران سنڌ ۾ هزارين اسڪول مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪا هئا ۽ جيڪي بچيا به هئا ته انهن جي حالت به ڪا بهتر ڪونه هئي. هن قدرتي آفت سنڌ ۾ هزارين ٻارڙن جي تعليم کي متاثر ڪري ڇڏيو. جنهن ڪانپوءِ USAID ”سنڌ بيسڪ ايجوڪيشن پروگرام“ تحت سنڌ جي اٺن ضلعن ۾ 106 جديد اسڪولن جون عمارتون تعمير ڪرايون جن ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سَمي - خيرپور ۽ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول نمائش ڪالوني - سکر پڻ شامل آهن.

سنڌ حڪومت يو ايس ايڊ سان گڏجي فيصلو ڪيو ته اهي اسڪول ساک وارين نجي ادارن جي حوالي ڪيا وڃن ته جيئن هو پاڻ سنڀالين ۽ اسڪولن ۾ موجود ڪوٽ، شاگردن ۽ استادن جون تربيتون ۽ تعليمي سرگرمين کي بهتر ڪن.



اڄ انهن اسڪولن ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ، فزڪس، بائلاجي، ڪيمسٽري، انگلش، مئٿميٽڪس جي استادن ۽ استادياڻين سميت ماسٽر ٽرينر، ليب اسسٽنٽ، ڪلينرز ۽ چوڪيدارن جي پگهار سرسو پيو ڏئي. ان کان علاوه انهن اسڪولن ۾ سرسو پاران اعليٰ درجي جي ڪمپيوٽر ليب ۽ سائنس ليب پڻ قائم ڪئي وئي آهي، جنهن مان ٻارڙا ۽ ٻارڙيون لاڀ حاصل ڪري رهيون آهن. جڏهن ته انهن اسڪولن ۾ 16 ڪلاس روم ۽ هڪ هيڊ مسٽريس / هيڊ ماسٽر جي آفيس قائم ٿيل آهي.

انهن اسڪولن جا استاد باقاعده شفاف چونڊ تحت ساک واري اداري IBA سکر ذريعي ڀرتيون ڪيون ويون آهن. جنهن کانپوءِ مقرر ٿيل استادن جي پيشيوراڻي مهارت جي واڌ جي لاءِ باقاعده IBA جي ماسٽر ٽرينرس کان تربيتون ڏياريون ويون آهن. اڄ هر هڪ ڪلاس ۾ لڳ ڀڳ 42 شاگردن جو انگ موجود آهي. انهن اسڪولن ۾ بنيادي ضرورتن جون سموريون شيون سرسو پاران مهيا ڪيون ويون آهن، جنهن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ کان وٺي، بجليءَ جي فراهمي سميت راندين لاءِ ميدان وٽڪاري، صاف سُٿرو ماحول ۽ صاف سٿرا واش روم شامل آهن.

اسان جي ڪوشش هوندي آهي ته ڪلاس روم جي انتظامي سرشتي کي باقاعده متحرڪ رکون ۽ لڳاتار عمل جوڳو بڻايون. هنن اسڪولن ۾ شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي پڙهائڻ لاءِ ڏکيا طريقا هرگز استعمال ناهن ڪيا ويندا پر مختلف موضوعن بابت پڙهائڻ لاءِ ضروري ٻڌايو ويو آهي ته سادو طريقو اختيار ڪجي ۽ ان ۾ رڳو سبق جي ضرورت مطابق تبديلي ڪئي وڃي، پر هر صورت ۾ مونجهارا پيدا ڪرڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪندي پڙهائڻ ۾ سڀ کان اڳ عبور ڏياريو ويو آهي.

USAID جي هِن پروجيڪٽ تي عمل ڪندي ابتدائي مڊل ۽ ثانوي انهن سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن جي داخلا وڌائي وئي آهي ۽ خاص طور تي جيڪي ٻار اسڪولن مان ٻاهر نڪتل هئا انهن ٻارن کي واپس اسڪولن ۾ آندو ويو آهي.

سنڌ ريڊنگ پروگرام جو مقصد بنيادي ٻولي سکڻ جي مهارتن ۽ سيکارڻ وارن استادن جي صلاحيتن ۾ واڌارو آڻڻ آهي. پڙهڻ جي مهارت ۽ ٻولي سکڻ جي مهارت جهڙوڪ: ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ سکڻ. هي اُهي مهارتون آهن جيڪي استادن جي مدد سان گڏوگڏ ٻارن جي ٻولي سِکڻ جي عمل ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪنديون آهن.







پڙهڻ جي مهارت کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ٻارن کي پڙهڻ جي عمل ۾ شامل ڪيو وڃي، انهن ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ انهن کي ڪورس جي ڪتابن ڪان علاوه ٻيا مددگار ۽ دلچسپ ڪتابَ ۽ خوشگوار ماحول مهيا ڪري ڏنو پيو وڃي تہ جيئن هو پڙهڻ جي صلاحيت کي وڌائين. شاگردن کي سُٺو پڙهندڙ بڻائڻ لاءِ ئي سرسو يو ايس ايڊ اسڪولن سَمِي ۽ نمائش ڪالوني ۾ مسلسل ٻيهر تربيتون فراهم پئي ڪري. يقيناً اِهي تربيتون اُستادن کي خواندگي جي تدريسي عمل کي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيا آهن ۽ گڏوگڏ هِتان جي شاگردن جي خواندگي سکڻ جي عمل جي تشريح پيا ڪن ۽ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي مرحلن جي وضاحت پيا ڪن جن جي استعمال سان شاگردن جي خواندگي جو معيار بهتر پيو ٿئي.

سرسو پاران يو ايس ايڊ (USAID) اسڪولن ۾ نہ صرف نصابي سرگرمين کي تيز ڪيو ويو آهي بلڪ غيرنصابي سرگرمين کي بہ فروغ ڏنو ويو آهي جنهن ۾ ٻارن جي راندين جي هفتي ملهائڻ ڪان وٺي تعليمي سير پڻ منعقد ڪرايا وڃن ٿا.






شاگردن جي تعليمي سلسلي کي جاري رکڻ لاءِ غيرحاضر ٻارن جي تعداد کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ايس ايم سي (SMC) جي ميمبرن سان باقاعده گڏجاڻيون ڪيون وڃن ٿيون جنهن ۾ اهم فيصلا ۽ مختلف مامرن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪري اهو پڻ واضع ڪيو وڃي ٿو تہ ٻارڙن جي گهر گهر پاڻ وڃي انهن جي والدين سان ملاقاتون ڪري سندن تعليم جي اهميت ۽ سرسو جي اسڪولن اندر مهيا ٿيندڙ تعليم جي سهولتن ۽ معيار بابت آگاهي ڏئي سندن ٻارن کي اسڪولن ۾ ٻيهر واپس آندو وڃي تہ جيئن غيرحاضر ٻارن جي تعداد کي گهٽائي سگهجي.

ٻارن جي غيرحاضري کي روڪڻ لاءِ ايس ايم سي (SMC) هڪ لسٽ تيار ڪندي آهي ۽ ٻارن جي والدين کي گڏجاڻي ۾ گهرايو ويندو آهي تہ جيئن انهن ڪان ٻارن جي غيرحاضري بابت پُڇي ان کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.



والدين سان ٽيندڙ گڏجاڻين ۾ نہ صرف غيرحاضري متعلق ڳالهايو ويندو آهي بلڪ ٻارن جي ذهني ۽ جسماني صلاحيتن کي جاچڻ سان گڏ انهن جي کاڌ خوراڪ بابت بہ معلومات ورتي ويندي آهي تہ جيئن ٻارن جي کاڌ خوراڪ جي کوٽ کي پورائو ڪرڻ متعلق ڪي قدم کنيا وڃن. بلڪ ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ ٻارن بابت وڌ کان وڌ معلومات ونجي تہ جيئن ٻار پنهنجي پوري توجہ سان تعليم حاصل ڪري، پنهنجي ڳوٺ، شهر ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪرڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهي.

*

# محنت جو ثمر

انيتا لوهاڻ
مانيٽرنگ آفيسر
PPRP ضلعو ميرپورخاص

عورت جو ڪردار شاهہ لطيف جي شاعري ڪان وٺي سورمين جي بهادريءَ تائين هميشہ مثالي رهيو آهي، جنهن جي محنت، بهادري، حوصلي، جوش ۽ جذبي جا مثال اسان کي هر وقت هر هنڌ ملندا رهيا آهن. اڄ اُن جو زندهہ مثال مان پنهنجي اکين سان ڏسي آئي آهيان. راڄ ٻائي نالي هڪ عورت پنهنجو مٽ پاڻ ثابت ٿي آهي. وڏندڙ عمر ۽ وڏندڙ پريشانين کي نظر انداز ڪندي اڳتي وڌندڙ راڄ ٻائي تعلقي ڊگهڙي جي ڳوٺ درياءُ خان ڪلوئي جي رهواسڻ آهي جيڪا هڪ غريب عورت هئڻ سان گڏوگڏ ولاچار پڻ آهي جيڪا چئن پُٽن جي هوندي ڳوٺ مان ملندڙ خيرات واري ماني تي زندگي جوگذرسفر ۽ هڪ مخصوص قسم جي ڪندن واري فصل جا ٻج سوئي ڪري ڪپائڻ هوندو هو مٿان وري ڪاري ڪامڻ (سائي) جهڙي موذي بيماري ۾ وڪوڙيل پُٽ جي بار ماءُ کي جهوري وڌو. پُٽ جي بيماري ۽ اُن جي تڪليف کي ڏسندي اُن ڳکن مان نهندڙ ٻُهارا ناهي پڻ ڪپائڻ شروع ڪيا جنهن سان اُن جي گذر سفر جو گاڏو ڏاڍو ڏُکيو هلي رهيو هُيو. مجبوري جي انتها تي پُهتل اُن عورت جي ڳوٺ ۾ جڏهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن - سرسو قدم رکيا تڏهن اُن عورت کي روشن راهہ ملي وئي. پنهنجا حال ونديدي جڏهن هُو اُن ڳالهہ جو ذڪر ڪري رهي هُئي تہ ٻہ ڳوڙها اُن جي جهونين اکين مان بي تحاشا وهي پيا جنهن کي پوتي جي پاند سان اُگهيندي اُن پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي جيڪي بيان ڪيو اُهو توهان جي نظر ڪيان ٿي.

منهنجو نالو راڄ ٻائي آهي ۽ گهر واري جو نالو ٺارو خان آهي. مان اصل کان ڳوٺ درياهہ خان ڪلوئي جي رهواسڻ آهيان. منهنجو گهر وارو فوت ٿي چڪو آهي. جنهن کان پوءِ پنهنجن پُٽن کي محنت مزدوري ڪري وڏو ڪيو، پُٽن جي شادي ڪرائي پوءِ اُهي مون کي ائين ئي اڪيلو ڪري ويا جئين منهنجو گهر وارو. مان هڪ دفعو ٻيهر مجبورين جي وڙهہ چڙهي ويس، هڪ پُٽ جيڪو اڳ تہ مون کي ڇڏي ويو هو. پر جڏهن هو ڪاري ڪامڻ جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿيو تہ ٻارن ٻچن سميت مون وٽ واپس آيو. ماءُ جي سمنڊ جهڙي اونهائي رکندڙ دل ڪئين ٿي اُن کي اڪيلو ڇڏي سگهي آخر اُن جي ٻچن سُوڌو بار ٻہ مون پنهنجي سر تي کنيو، جنهن کانپوءِ پوءِ آئون پنهنجي





گهر پر سان پرائي زمين مان کک وغيره ميڙي اُن جا ٻهارا ناهي وڪرو ڪرڻ شروع ڪيا. پر، گذر سفر ڏکيو ٿيڻ جي صورت ۾ اجان بہ ڪندن واري ٻوٽن مان ڪندن وارو ٻج سوئي شهر ۾ وڪرو ڪرڻ لڳس. پوءِ بہ ائين ٿيندو هو جو هٿ تہ ڪندن جي ڪري رت سان پرجي ويندا هئا پر پيٽ پري ڪائڻ جيترو بہ ڳيو نہ پئي نصيب ٿيو. اُن وقت اسان وٽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) عورتن جون تنظيمون ناهي رهيو هو اُنهن ڳوٺ ۾ هڪ پروگرام ڪوٺرايو جنهن ۾ ڳوٺ تر جي سڀني عورتن کي ڪوٺرايو ۽ پنهنجو پروگرام ٻڌايو اُن وقت مان بہ تجسس منجهان اُتي هلي ويس. جيئن جيئن پروگرام جي باري ۾ ٻڌايو ويو تيئن تيئن منهنجي همت ۾ اضافو ٿيندو ويو ۽ مون چيو تہ مان بہ تنظيم ۾ شامل ٿيندس. اُن وقت عورتن چيو تہ امان تون پنهنجي بچت ڪٺان جمع ڪرائيندين مون چيو الله مالڪ آهي. مان اجان وڌيڪ محنت ڪندس پر تنظيم ۾ شامل ٿيندس ۽ پوئتي نہ هٽندس. جڏهن مون هام پري تہ سرسو وارن سڀني کي پنهنجا غربت جا انگ ٻڌايا جنهن ۾ منهنجو غربت جو انگ 14 هو. مطلب تہ غربت جي رينج ۾ آيو، پوءِ مان پنهنجي تنظيم ۾ شامل ٿيس جنهن جو نالو سڀني جي مرضي سان "عُمير" رکيو ويو. تنظيم نهڻ کانپوءِ اسان جي هر مهيني گڏجاڻي ٿيڻ لڳي ۽ سڀني عورتن هڪ هنڌ گڏجاڻي ڪرڻ شروع ڪئي. ڪجهہ وقت کانپوءِ سرسو اداري وارا وري آيا ۽ اسان جا منصوبي وارا فارم ڀريا جنهن ۾ مون پنهنجي منصوبي ۾ مال مويشي لکرايو ۽ اداري کان 13000 قرض جي گهُر ڪئي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ اُهي پئسا مون کي بنا وياج واري قرض جي مد ۾ مليا، جنهن مان مون هڪ ٻڪري 11000 هزارن ۾ ورتي باقي بچيل 2000 کي بہ مون خرچ ڪرڻ بجاءِ اُن مان بہ ديسي ڪُڪڙيون ورتيون جنهن مان هينئر تائين 40 کان 50 آنا ٿيا آهن، جنهن مان مون ڪجهہ وڪرو ڪيا ۽ هينئر ڪُڪڙيون 20 کان 25 آنن جي آري تي وينل آهن ۽ اُميد اٿم تہ ڪجهہ ئي وقت ۾ اهي ڪُڪڙيون 2 کان 20 تي ويندي‌ون جنهن مان اجان بہ وڌائيندس ۽ منهنجي ٻڪري بہ هن وقت ڏُڪي آهي. اُميد اٿم تہ ڪجهہ عرصي ۾ اُها بہ واڌ ويجهہ ڪندي ۽ مان ڏاڍي شڪرگذار آهيان حڪومت جي ۽ سرسو جي جنهن مون جهڙين لاچار عورتن جي واهر ڪندي اسان لاءِ سهارو بڻجي آيا ۽ اسان جهڙي عورتن لاءِ مددگار ثابت ٿيا ۽ اسان جي محنت ۽ حوصلي کي سهارو ڏيندي اسان کي اڳيان وڌائڻ لاءِ همٿائيندا رهيا آهن. پنهنجي هٿن کي ڏيکاريندي راڄ ٻائي چئي رهي هُئي تہ ڏسو هاڻي مان ڪنڌا بہ نٿي سويان. هاڻي منهنجا هٿ بہ صحيح ٿي رهيا آهن ۽ اُن جي اکين ۾ چمڪندڙ اُميد جي روشني اسان جي دل ۽ دماغ کي روشن ڪري ڇڏيو.

❊

# ڪميونٽي ڪانفرنس ايل ايس او نئين روشني

**احمد سميجو**
ڊسٽرڪٽ مئنيجر - سرسو جيڪب آباد

23 فيبروري 2018ع تي ڳوٺ علي مراد پٽي يونين ڪائونسل رانجهاپور تعلقہ ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (LSO) ”نئين روشني“ پاران ڪميونٽي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ مهمان خاص آپا زهره ڪوسو (ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جيڪب آباد) محترم خالده سومرو (ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جيڪب آباد) محترم نور نبي برڙو (مئنيجر فرسٽ مائڪرو فنانس بئينڪ جيڪب آباد) محترم عبدالقادر دايو (اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ تعلقہ ٺل)، محترم صائم سومرو (پروگرام آفيسر وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، محترم زاهد ڪريم شر (چيف فنانس آفيسر - سرسو) محترم منظور جلباڻي (ريجنل مئنيجر - سرسو) محترم شاهد حسين لاڪو (ڊسٽرڪٽ مئنيجر ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ - سرسو) محترم احمد سميجو (ڊسٽرڪٽ مئنيجر جيڪب آباد) بابر جاگيراڻي (مانيٽرنگ آفيسر - سرسو) ۽ يونين ڪائونسل چيئرمين سميت 100 کان وڌيڪ ڳوٺاڻين تنظيمن سان لاڳاپيل عورتن شرڪت ڪئي.

پروگرام جي شروعات تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. ايل ايس او نئين روشني جي چيئرپرسن زرينہ ڪانفرنس ۾ آيل سمورن مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙ عورتن کي ڀليڪار ڪندي ايل ايس او نئين روشني جي ڪارڪردگي پيش ڪئي. جنهن کي ڪانفرنس ۾ موجود سڀني مهمانن تمام گهڻو ساراهيو.

تنهن بعد احمد سميجو آيل مهمانن کي ايل ايس او نئين روشني بابت وڌيڪ ٻڌايو تہ UCBPRP جي مڙني



سرگرمين ۾ هميشه هي ايل ايس او اڳيرو رهي آهي. گڏوگڏ ٻيا به ڪيترائي پروگرام منعقد ڪري چڪي آهي جنهن ۾ عورتن جو عالمي ڏهاڙو، غربت گهٽائڻ جو ڏهاڙو ۽ عيد الاضحىٰ جي مبارڪ ڏينهن تي جانورن جي ڳڏيل قرباني ڪري سي. او ۽ وي اوز سان گڏجي عيد جون خوشيون ملهائڻ جا پروگرام شامل آهن. جڏهن ته ايل ايس او نئين روشني PPAF طرفان بهترين ڪارڪردگي ايوارڊ ۽ مجتا سرٽيفڪيٽ (Appreciation Certificate) پڻ حاصل ڪيا آهن. اسين ايل ايس او نئين روشني جي محنتي ۽ جفاڪش عورتن مان پراميد آهيون ته هو پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ عورتن جي ڀلائيءَ ۽ غربت ڪي گهٽائڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکنديون.

منظور جلباڻي پنهنجي مختصر تقرير ۾ چيو ته عورتن ۾ سربراهي ڪرڻ جا لاتعداد گڻ موجود آهن، فقط انهن کي موقعو فراهم ڪيو وڃي. سرسو پاران ايل ايس او نئين روشني جي عورتن ڪي مليل موقعن وسيلي هنن ڪيترائي بهترين ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، جيڪي هنن پنهنجي زباني اڄ هتي بيان ڪيا آهن. هي متحد عورتون غربت جي خاتمي واري خيال ڪي حقيقت ۾ بدلائي رهيون آهن، جيڪا هڪ وڏي ڪاميابي آهي.

محترم زاهد ڪريم شر انهيءَ موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته ايل ايس او نئين روشني پنهنجي نالي جيان پنهنجي علائقي ۾ سجاڳيءَ جي روشني پکيڙي آهي. غربت ڪي گهٽائڻ، تعليم جي بهتري، صحت ۾ سُڌاري سان گڏ عورتن ۾ خوداعتمادي پڻ پيدا ڪئي آهي، جيڪا اڳتي هلي يونين ڪائونسل ۾ هڪ خوشگوار تبديلي جو باعث بڻبي.

محترم عبدالقادر دايو چيو ته اڄ ايل ايس او نئين روشني جي ڪارڪردگي ۽ ان سان لاڳاپيل عورتن جي خوداعتمادي ڏسي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ته اسان جي علائقي جون ڳوٺاڻيون عورتون ايتريون سجاڳ ٿيون آهن. هي عورتون متحد ٿي پنهنجي مدد پاڻ تحت ايترا ڪم ڪري رهيون آهن، انهيءَ تي هي سيئي عورتون جَسُ لهڻيون.

محترم خالده سومرو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته يونين ڪائونسل رانجهاپور جي عورتن جو هي اجوڪو ميڙ ڏسي مون ڪي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. چوته توهان ڀراڙي سان تعلق رکندڙ عورتن انقلابي ڪم ڪيا آهن، جيڪي واکاڻ جي لائق آهن. مان وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جيڪب آباد جي نمائندگي ڪندي اوهان سيني کي عرض ڪندس ته جيڪڏهن توهان سان ڪو به مسئلو آهي مثال: ننڍي عمر جي شادي، گهريلو تشدد، وراست ۾ حصيداري وغيره ۾ اسان جو ادارو اوهان جي مفت طبي ۽ قانوني مدد ڪندو.

محترم زهره ڪوسو چيو ته مون ڪي ڪي انتهائي خوشي ٿي رهي آهي ته ڪجهه سال پهريان هي ايل ايس او پنهنجي ابتدا ڪري رهي هئي ۽ سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ مان نوٽيفاءِ ٿي ۽ اڄ اها ايل ايس او ڳوٺاڻين عورتن جي سگهه بڻي آهي. معاشي بهتري کان وينڌي عام رهڻي ڪهڻي ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ نئين روشني سان وابسته عورتون سگهاريون بڻيون آهن. اميد ته مستقبل ۾ اڃان به وڌيڪ پُرجوش ۽ هڪ جذبي تحت بهتر کان بهتر ڪم ڪري ڏيکارينديون. اسان جو هرممڪن تعاون اوهان سان هميشه رهندو.

آخر ۾ ڪميونٽي سطح تي بغير وياج جي قرض (CIF) جا چيڪ ڏنا ويا. جڏهن ته ايل ايس او "شاهين" يونين ڪائونسل ٻچڙو جي ميمبرز کي PPAF پاران مليل شيلڊ ۽ مجتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا.

اهڙي ريت هن ڪميونٽي ڪانفرنس جي خوشگوار پڄاڻي ٿي.

*

# غربت مان آجپو ممڪن آهي!

خادم حسين شر
ڊسٽرڪٽ مئنيجر PPRP خيرپور



33 ورهين جي تهمينه سردار جو جنم سومر ڳوٺ ضلعي سکر ۾ ٿيو. سندس والد هارپو ۽ گڏهه گاڏو هلائي گهر جي چرخي کي چوريندو پئي رهيو. تهمينه 5 ڀائرن ۽ 6 ڀينرن مان ننڍي مان ننڍي هئي ۽ هوءَ ننڍي هوندي کان ئي سلجهيل ۽ سُلڇٽي هئي سندس والد به هن کي گهڻو پيائيندو هو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ سندس والد پنهنجي ڪٽنب سميت شڪارپور ڦاٽڪ سکر ۾ اچي پنهنجي ڏاڏي کان حصي مان آيل جڳهه ۾ رهائش پذير ٿيو. غربت جو بار هنن جي زندگيءَ تي اڳ ئي حاوي هو. ڇڻ ته غربت هنن کي ورثي ۾ ملي هجي. اهو ئي سبب هو جو هن جو ننڍو ڀاءُ فقط نائين جماعت تائين پڙهي سگهيو ۽ باقي ڀيڻيون ۽ ڀائر هن جيان اڻ پڙهيل ئي رهجي ويا.

تهمينه سردار سان جڏهن ڳالهه ٻولهه ٿي ته هن ٻڌايو ته جڏهن مان ٿوري وڏي ٿيس ته گهر ۾ شاديءَ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون، ۽ هر ان مجبور ڇوڪريءَ جيان جيڪا مائٽن جي هر فيصلي تي لبيڪ چوندي آهي، مان به والدين جي اڳيان انڪار ڪري نه سگهيس ۽ منهنجي شادي خيرپور ميرس ۾ رهندڙ مائٽن جي معرفت ڳوٺ جعمي مگريو جي رهواسي ممتاز علي مگريو سان ڪرائي وئي. هي ڳوٺ يونين ڪائونسل ٻگرو تعلقه، ضلعي خيرپور ۾ واقعي آهي جيڪو سرسو ضلعي آفيس کان 16 ڪلو ميٽر ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي کان پنج ڪلوميٽر جي مفاصلي تي واقع آهي.

شادي کان پوءِ جڏهن مان نئين گهر ۾ آيس ۽ ڏٺم ته ممتاز پنهنجيءَ پوڙهيءَ ماءُ ۽ ڇهن ڀائرن سان گڏ هڪ ڪچي گهر رهن پيا. ممتاز ۽ سندس ڀائر به اسان وانگي ئي غريب هئا. محنت مزدوري، رهاڪي ڪري گذرسفر پيا ڪندا هئا. هنن جو گذارو به مشڪل سان ٿيندو هو. منهنجي شادي کان پوءِ ممتاز جي ڀائرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته ڪٽنب وڏو آهي ۽ گذارو ڏکيو ٿئي پيو انهيءَ لاءِ هاڻي الڳ الڳ رهجي ته بهتر ٿيندو. پوءِ ورهاست ٿي ۽ اسان کي حصي ۾ خالي پلاٽ آيو، جتي اسان مَنهه ناهي ويناسين. مينهوڳيءَ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. سادو سودو کائي پيا وقت گذاريندا هئاسين ۽ ائين ئي زندگي جا ڏهاڙا ڏاڍا اوکا گذرندا رهيا. غربت اسان جي حياتين کي وڻ ويڙهيءَ جيان ويڙهجي وئي هئي. وقت ڪنهن جو انتظار ناهي ڪندو، ڏسندي ئي ڏسندي مون کي 3 پٽ ۽ 4 نياڻيون ٿيون. محنت مزدوري ته ڪندا هئاسين پر هڪ ويلو نصيب ٿيندو هو ته ٻي جي ڪا خبر نه هوندي هئي. چوندا آهن ته "بُک ٻُجڙو ٿول داناءَ ديوانا ڪري" ٻارڙن جون تڪليفون برداشت کان ٻاهر هيون اصل اندر ۾ وڍ وجهنديون هيون. منهنجو گهر وارو مزدوري ڪري غربت مان جانِ آجي ڪرڻ واسطي ڏاڍا جتن پئي ڪيا، پر اسان کي ڪا روشن راهه نظر نه پئي آئي.

هڪ ڏينهن سرهي صبح جو آغاز ٿيو ۽ سرسو - سنڌ حڪومت Government of Sindh پاران غربت گهٽائڻ جي هڪ وڏي پروگرام جي ابتدائي سرگرمي 'غربت جي درجه بندي' Poverty Score Card سروي ڪرڻ لاءِ

سرسو جي ٽيم آئي. جن ٻڌايو ته سرسو، سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان ’عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام‘ Peoples’ Poverty Reduction Programme شروع ڪري رهي آهي. جنهن جو پهريون مرحلو غربت جي درجه بندي ڪرڻ آهي. ٻئي مرحلي ۾ تنظيمون جوڙنديون ۽ ڪم ٿيندا اهڙي ريت اسان جي سموري ڳوٺ جي غربت جي درجه بندي ڪئي وئي.

ٽن مهينن ڪانپوءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن SRSO جي ٽيم ٻيهر اسان جي ڳوٺ آئي ۽ اسان سيني کي پنهنجو اسڪور ٻڌايو. مون کي ياد آهي ته منهنجو اسڪور 10 هو، جيڪو مون کي ٻڌايو ويو هو. سرسو جي ٽيم اسان کي پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح جون تنظيمون ناهڻ جو سمورو طريقيڪار ٻڌايو ۽ اسان سيني صلاح مشوري سان 11 سيپٽمبر 2017ع تي محلي جي تنظيم Community Organization جو بنياد وڌو. جنهن جو نالو ”ستارا“ رکيوسين ۽ مون کي تنظيم جو مئنيجر چونڊيو ويو. ان وقت تنظيم جي ڪل ميمبرن جو تعداد 26 هو.

اسان کي سرسو عملي بچت ڪرڻ بابت تمام گهڻي تلقين ڪئي. ٽيم اسان کي ٻڌايو ته پنهنجي سي او جي 15 روزه / ماهوار گڏجاڻيون ڪوٺايو ۽ هر ميمبر مخصوص ڪيل رقم يا وتِ آهر پنهنجي حصي جي بچت جمع ڪرائي. ان مان فائدو اهو ٿيندو ته ڪنهن به اوچتو ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ اها رقم توهان کي ڪم ايندي ۽ ڪنهن مجبور جي مدد ۽ ضرورت آهر اُڌار طور ڪتب آڻي سگهبي.

اسان جي نئين تنظيم جي سمورين عورتن کي پنهنجي تنظيم کي پائدار بڻائڻ جو جذبو هو، اسان سيني عورتن گڏجي بچت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ وقت تي غريب عورتن جي مدد پڻ ڪرڻ شروع ڪئي. ۽ ڪجهه عرصي بعد اسان جي ڳوناٽي تنظيم Village Organization پڻ ناهي وئي، جنهن جو نالو ”سويرا“ رکيوسين. سرسو اداري ٽيم اسان جي هر مرحلي تي رهنمائي ۽ حوصلا افزئي ڪئي آهي. اسان کي غربت مان آجپو ڏيارڻ جا مختلف گس ڏيکاريا. اسان به پُراميد هيون سين ۽ اکين ۾ سوين ۽ هڪ آس ڪٽي محنت شروع ڪئي سين. انهيءَ دوران اداري پاران اسان کي ڪميونٽي مئنيجمنٽ اسڪلز ٽريننگ CMST ۽ وليج مئنيجمنٽ اسڪلز ٽريننگ VMST پڻ ڪرائي وئي.

اوچتو وري هڪ نئين مصيبت منهنجي حياتيءَ کي ڏکوئڻ لاءِ ظاهر ٿي. اسان جي گهر جو چرخو هلائيندڙ منهنجو وَرُ ممتاز هڪ حادثي جو شڪار ٿي پيو ۽ هن جي هڪ ڄنگهه ڀڄي پئي ۽ هو معذور بڻجي ويو. ان حادثي فقط ممتاز جي ڄنگهه نه ڀڳي پر اسان جي گهر جي آمدني جي ڪرنگهي جي هڏي کي ڀڃي ڇڏيو هو. ان وقت منهنجي لاءِ وڏو مسئلو ممتاز جو علاج ڪرائڻ هو. تمام گهڻي ڏکيائي پيش آئي ڇو ته اسان کي چڱي ريت ٻن ويلن جو کاڌو ئي ميسر نه هو ته ممتاز جو علاج ڪٿان ڪرايان. وڏي مصيبت ۾ ڦاسي پيس. مان پنهنجي پائرن کان ڪجهه مالي مدد ورتي ۽ پنهنجي سي اوز ۽ وي او جي بچت مان ڏهه هزار اُڌار وٺي ممتاز جو علاج ڪرايو.

تڏهن سمجهه ۾ آيو ته تنظيمي بچت ڪيتري اهميت رکي ٿي. تنظيم جي پليٽ فارم تان مون به قرارداد لکي اداري کي موڪلي اداري پنهنجي گهربل ڪاروائي مڪمل ڪرڻ بعد مون کي -/20,000 هزار بنا وياج قرض ڏنو ويو ۽ -/10,000 هزار سرنديءَ وارن کان مالي مدد به ملي وئي. مون انهن پئسن کي چڱي طرح استعمال ڪيا ۽ -/30,000 هزارن جا زائفاٽا ڪپڙا خريد ڪيا ۽ ڳوٺ ۾ وڪرو ڪرڻ شروع ڪيا. ٻن مهينن اندر سمورا ڪپڙا وڪرو ٿي ويا ڇو ته ان وقت شادين جي منڊَ هئي ڪپڙا جلدي وڪرو ٿي ويا جنهن مان مون کي 10 ڪان 12 هزار منافعو ٿيو.

مان ڪپڙا خريد ڪرڻ ۽ وڪڻڻ ۾ ايتري ڏکيائي پيش ڪونه آئي ڇوته منهنجو هڪ ڀاءُ سکر ڪپڙا مارڪيٽ مان ڪپڙا خريد ڪري، آس پاس جي علائقن ۽ ڳوٺن ۾ وڪڻندو آهي. ان جو مارڪيٽ ۾ واسطو به آهي ۽ ڪيس ڪپڙو وڪڻڻ جو تجربو پڻ آهي. اهو ئي سبب آهي ته مون پنهنجي ڀاءُ جي مدد سان سموري رقم زائفاٽا ڪپڙا وڪڻڻ جي

ڪاروبار ۾ لڳايا. جو تہ ٻڪريون يا ڏڳيون وغيره مري سگهن ٿيون، پر هن ڪاروبار ۾ مون کي گهاٽو نظر ڪونہ



آيو. ان ڪاروبار جي پهرين مرحلي ۾ منافعو ڪمائڻ بعد مون ٻيو ڪپڙو پڻ خريد ڪيو. ان مان بہ 10 هزارن جي بچت ٿي. جڏهن تہ 8 هزارن جو ڪپڙو اجان تائين مون وٽ موجود آهي جيڪو بہ جلد وڪرو ٿي ويندو. مون بچت مان ورتل قرض بہ واپس ڪيو آهي ۽ منافعي مان ڪپڙا خريد ڪيا آهن.

تهمينہ ٻڌايو تہ هاڻي اسان جي زندگي ڪجھ بهتر گذري پئي. اسان جي گهر جي چلھ اڪثر ٻري ٿي ۽ اسان جا پيٽ بک نہ ٿا ڏسن. ٿورا ٿورا پئسا روزمره جي گهريلو خرچ ۾ استعمال ڪندي آهيان. ٻار اسڪول ۾ بہ پڙهن پيا ۽ ڪجھ پئسا ڪاروبار وڌائڻ ۾ استعمال ڪريان پئي. آهستي آهستي غربت گهٽ ٿيندي پئي وڃي. مون هڪ ڌيءَ جي شادي بہ ڪرائي آهي ۽ هُن کي هڪ ٻڪري بہ وني ڏني آهي. مان هاڻي زندگي مان مطئمين آهيان منهنجي هن ڪاميابيءَ ۾ منهنجي گهر واري جو ڀرپور ساٿ ۽ اعتبار شامل رهيو آهي. جڏهن تہ حڪومتِ سنڌ جو هي انقلابي پروگرام سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن وسيلي اسان جي اونداهين حياتين ۾ روشني جو باعث بڻيو آهي.

منهنجو اڳتي جو اهو منصوبو آهي تہ مان پنهنجي ڪاروبار کي اجان بہ وڌايان. ڪوشش آهي تہ هڪ ٻيو ڪمرو نهرائي ان ۾ ڪپڙا رکان تہ جيئن منهنجو هي ڪاروبار اجان بہ وڌي ۽ هڪ دڪان جي شڪل اختيار ڪري. اها سموري مهرباني سرسو ۽ حڪومت سنڌ جي آهي، جن جو ساٿ ۽ رهنمائي اسان سان گڏ آهي. مان هر انهيءَ غريب عورت لاءِ هڪ مثال آهيان جنهن ايترين ڏکيائن ۽ مصيبتن سان منهن ڏنو آهي پر همٿ نہ هاري آهي. اڄ منهنجو پنهنجو ڪاروبار آهي ننڍو ئي سهي پر وقت سنو ٿو گذري. توهان بہ همٿ ڪريو سرسو اسان توهان سان گڏ آهي، پنهنجا ننڍا ننڍا ڪاروبار شروع ڪريو يقين ڪريو جڏهن توهان پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ ان مان جڏهن آمدني ٿيڻ لڳندي تہ توهان کي سُڪون محسوس ٿيندو معاشري ۽ گهر ۾ توهان جي عزت وڌندي جيڪا هڪ غريب ٻهراڙي جي عورت لاءِ وڏي ڳالھ آهي. سنڌ حڪومت ۽ سرسو کي سلام آهي جيڪي عورتن کي ايتري اهميت ڏين ٿا ۽ چاهين ٿا تہ اڄ جي عورت بااختيار ۽ باشعور بڻجي.

*

# صحت ڪارڊ مان حاصل ٿيندڙ فائدا

سنڌ يونين ڪائونسل ۽ ڪميونٽي جي معاشي استحڪام جو سهڪاري پروگرام (سَڪسيس) شهدادڪوٽ

عبدالرب سومرو
فيلڊ يونٽ انچارج
سرسو - سڪسيس شهدادڪوٽ

منهنجي ٽن سالن جي پٽ عنايت الله ڪي مٿاني ۾ پٿري هئي ۽ منهنجي پنجن سالن جي نياڻي سويرا ڪي بُڪين ۾ پٿري هئي. ٻارڙا ڏينهن رات سُور سبب دانهون ڪندا هئا. اسان جو اندر پيو ٽچڪندو هو. غربت سبب سندن علاج به نه پيا ڪرائي سگهون. جڏهن سُور وڌي ته سرڪاري اسپتال مان ٿورو گهڻو علاج ڪرائي پيا اچون پر غربت سبب مڪمل علاج (آپريشن) ممڪن نه هو.

اولاد جي اهڙي تڪليف پيءُ ۽ ماءُ لاءِ قيامت ڪان گهٽ نه هوندي آهي. دردن جو اڻ کٽندڙ سلسلو اسان جي سموري گهر لاءِ جڻ ته عذاب بڻيل هو. پنهنجي اهڙي بيوسيءَ تي اڪثر اکيون آليون رهنديون هيون ۽ اندر پيو جُهرندو هو.

الله پاڪ ڪان دعا به ڪندي هيسِ ۽ ٻاجهه لاءِ دعائن ذريعي مدد پڻ گهرندي هيس. اهو ٻڌائيندي زرينه پنهنجا لڙڪ روڪي نه سگهي!

زرينه ٻڌايو ته سندس مڙس اٽي جي چڪيءَ تي مزدوري ڪندو آهي، جنهن مان ڪيس ماهوار -/3000 هزار روپيه روڪ ۽ ٽن هزارن جو اٽو ملندو آهي، جنهن مان هنن جو گذرسفر ٿيندو آهي. زرينه ڪي 9 ٻار آهن جنهن ۾ ٽي ڌيئر ۽ ڇهه پٽ آهن.



زرينه ٻڌايو ته سندس ڌيءَ بصران ۽ پٽ رضوان پڻ جهٽڪن جي بيماريءَ ۾ مبتلا آهن، جڏهن هنن جون گوريون ختم ٿي وينديون آهن ته منهنجا ٻئي ٻارڙا نيم بيهوش ٿي ويندا آهن. ٻچڙن جي اهڙي حالت برداشت ڪان ٻاهر هوندي آهي. اولاد جي انهيءَ تڪليف تي مان ۽ منهنجي مڙس جو اندر ڪڏهن درد ڪان آجو نٿو رهي. اهڙين تڪليفن ۽ دردن دوران جيڪڏهن انتظار هيو ته ڪنهن اهڙي مسيحا جو جيڪو اسان جي دردن جي داد رَسِي ڪري.

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جا نمائندا اسان جي ڳوٺ نودان جتڪ ۾ آيا ۽ غربت جي درجابندي جو گهر گهر سروي شروع ڪيو، ۽ ماڻهن ڪي سندن پيغام ڏنو ته سروي دوران اوهان جي سهڪار جي ضرورت آهي. اهڙي ريت مان به ان غربت جي سروي جو حصو ٿيس.

سروي ٿيڻ ڪان پوءِ سرسو طرفان هڪ ٻي ٽيم آئي جنهن ۾ اسان ڪي ٻڌايو ته سرسو ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ۾ ”سنڌ يونين ڪائونسل ۽ ڪميونٽي جي معاشي استحڪام جو سهڪاري“ (سڪسيس) پروگرام شروع

ڪيو آهي. جنهن لاءِ مالي سهڪار يورپين يونين پاران ڪئي وئي آهي. هي پروگرام سنڌ جي 8 ضلعن ۾ هلي رهيو آهي. هن پروگرام جو مقصد غريب ۽ پنتي پيل گهراڻن جي سماجي ۽ معاشي حالت کي بهتر بڻائڻ ۽ گهريلو سطح تي آمدني وڌائڻ لاءِ مختلف قسم جي سرگرمين لاءِ فني ۽ مالي مدد مهيا ڪرڻ آهي.

اهڙي ريت اسانجي پاڙي سطح جي تنظيم ”اقرا“ ٺهي جنهن ۾ 24 عورتون ميمبر طور شامل ٿيون. ان ڏهاڙي مون کي يقين ٿيو تہ اسان جي زندگيءَ ۾ بهتري ضرور ايندي.



پاڙي جي تنظيم ٺهڻ جي ڪجھ عرصي بعد اسان ڳوٺ سطح جي تنظيم ”المدينہ“ جو بنياد پڻ رکيو. جنهن ۾ 9 پاڙي جي تنظيمن مان 18 ميمبر شامل ٿيا. تنظيمون ناهڻ جو سلسلو جاري رهيو ۽ اسان پنهنجي يونين ڪائونسل جي سطح جي تنظيم لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”جاڪوڙ“ پڻ جوڙي. جنهن جي جنرل باڊي جا 52 ميمبر ۽ ايگزيڪٽو ڪاميٽي جا 11 ميمبر آهن.

تنظيمون ٺهڻ کان پوءِ اسين هر مهيني پنهنجي پاڙي جي سطح تي ٻہ ڀيرا گڏجاڻيون ڪندا آهيون. هڪ ڏينهن مان پنهنجي ڏکن جي ڪهاڻي پنهنجي سيني ميمبرن آڏو رکي ۽ ان جي حل ۽ مدد ڪرڻ لاءِ پڻ درخواست ڪئي. اسان جي تنظيم صدر اسان کي ٻڌايو تہ اسان جي سڪسيس پروگرام تحت اسان کي صحت ڪارڊ ملڻا آهن. مان سرسو وارن سان رابطو ڪري ان متعلق معلومات ورتان ٿي. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مون کي سرسو سڪسيس طرفان هڪ ”صحت ڪارڊ“ مهيا ڪيو ويو ۽ ٻڌايو ويو تہ ان صحت ڪارڊ ذريعي توهان پنهنجي ڪٽنب جي هر ڀاتيءَ جو هرسال -/25,000 هزارن تائين مفت علاج ڪرائي سگهو ٿا.

مون اهو ڪارڊ حاصل ڪيو ۽ لاڙڪاڻي جي سرفراز ميڊيڪل سينٽر مان ٻنهي ٻارن (سويرا ۽ عنايت الله) جو آپريشن ڪرايو ۽ ٻنهي جي آپريشن جو خرچ چاليھ هزار ٿيو. آپريشن کان پوءِ ٻارن جي دوائن ۽ اچڻ وڃڻ لاءِ اسان وٽ ڪِرايو ڀاڙو بہ نہ هو پوءِ اسان مٿن مائٽن کان مدد ۽ قرض وٺي پنهنجي ٻچڙن کي هن دردناڪ بيماري مان نجات ڏياري. ان سموري عمل ۾ جيڪڏهن ”صحت ڪارڊ“ نہ ملي ها تہ شايد اسان جون حياتيون انهي درد کان آساني سان آجيون نہ ٿي سگهن ها.

مان ۽ منهنجا ٻچڙا سرسو ۽ يورپين يونين جا تهِ دل سان شڪرگذار آهيون جن نہ فقط منهنجي مدد ڪئي. بلڪ منهنجي زندگي خوشحال بڻائي ڇڏي آهي. مون کي حد کان وڌيڪ خوشي ان ڳالھ جي آهي تہ منهنجي ٻچڙن جو علاج ٿيو ۽ هو هن وقت صحتمند آهن. سڪسيس پروگرام تحت اسان جي تنظيم جي ساٿي عورتن کي بہ بنا وياج قرض ۽ امداد جي رقم ملي آهي. جنهن جي ڪري انهن ننڍا ننڍا ڪاروبار شروع ڪيا آهن. هڪ ٻئي جي رهنمائي ۽ مالي مدد پڻ ڪري رهيون آهيون. سرسو - سڪسيس پروگرام جي اچڻ بعد اسان جي زندگين ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي وئي آهي. هن وقت اسان جي ايل.ايس.او يونين ڪائونسل سطح تي ڪيترائي ڪم ڪري رهي آهي جنهن ۾ ٻارڙن جي صحت، تعليم، ڳوٺن ۾ صفائي سترائي ۽ وٽڪاري شامل آهي. انهن سمورين سرگرمين سبب اسان جي رهڻي ڪهڻي ۾ بهتري اچڻ شروع ٿي وئي آهي. ان کان وڌيڪ اسان لاءِ ٻي ڪائي خوشي جي ڳالھ نہ آهي.

*

# ننڍو قرض ـ وڏو فائدو

نعمت الله ساوند

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڳوٺن جون زندگيون غربت جي گهيري مان آجيون ڪو نہ ٿي سگهيون آهن.!؟ جڏهن اسين ڳوٺن جو رخ ڪيون ٿا تہ ڪيترائي گهراڻا غربت جي دائري جي چوگرد اوکي حياتي گذاريندي نظر اچن ٿا. جيئن عام چوڻي آهي تہ ڪجھ بہ ڪرڻ ناممڪن نہ آهي. ساڳي ريت غربت کان آجپو حاصل ڪرڻ ڪو اوکو ڪم ناهي فقط انسان جي من ۾ محنت ۽ لڳاتار ڪوشش ڪرڻ جو جذبو موجود هجي.

غربت مان آجپي جو زنده مثال ضلعي خيرپور سان تعلق رکندڙ بختاور جو آهي جنهن بهتر منصوبو جوڙي پنهنجي حياتي کي ٿوري عرصي ۾ وڏي پئماني تي غربت گهٽ ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻي ورتي آهي.

31 ورهين جي بختاور زال قادر بخش منگريو جو تعلق ڳوٺ جمعو مگريو يونين ڪائونسل بگرو تعلقو ۽ ضلعو خيرپور سان آهي. بختاور کي 7 ٻارن جو اولاد آهي. جنهن ۾ 2 نياڻيون ۽ 5 پٽ شامل آهن. جڏهن تہ هنن کي 2 جاڙا پٽ پڻ آهن. هنن جي رهائش اڄ بہ هڪ ڪکائين گهر ۾ آهي. هن جو مڙس مئٽرڪ پاس مڙس مزدوري ڪري گهر جي چرخي کي وڏي مشڪل سان چوري رهيو هو. اڪثر هنن جي جيون جون گهڙيون ڏک ۽ تڪليفن ۾ گذرنديون هيون.

بختاور خوش ٿيندي ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن سرسو جا نمائندا هڪ چڱي ڳالھ ڪٽي اسان جي ڳوٺ آيا ۽ چيائون تہ هو حڪومت سنڌ جي تعاون سان غربت گهٽائڻ جو پروگرام شروع ڪري رهيا آهن. جنهن جو ابتدائي قدم سموري ڳوٺ ۾ موجود هر گهراڻي جي ”غربت جي درجابندي جو ڪارڊ“ Poverty Scorecard پرڻ آهي. جنهن وسيلي خبر پوندي تہ ڪهڙا گهراڻا غربت جي ڪهڙي سطح تي حياتي گذاري رهيا آهن.



بختاور ٻڌايو تہ مان بہ ان سروي جو حصو رهيس. اسان جي تعاون سان سرسو جي نمائندن آسانيءَ سان سموري ڳوٺ جي سروي مڪمل ڪئي. ٽن مهينن بعد ٻيهر سرسو جا نمائندا آيا ۽ انهن غريب گهراڻن جي عورتن جي پاڙي ۽ ڳوٺ جي سطح تي انهن جون تنظيمون ناهڻ لاءِ ابتدائي ڳالھ ٻولھ ڪئي. اهڙي ريت طئي ٿيل تاريخ تي سرسو جا نمائندا آيا. انهن جي موجودگي ۾ پروگرام جي ٻڌايل اصولن تحت اسان جي پاڙي جي تنظيم (CO) ”روشني“ جو بنياد پيو. جنهن ۾ 12 عورتون ميمبر طور شامل ٿيون. جڏهن ڪجھ عرصي بعد اسان جي ڳوٺ جي تنظيم بہ جڙي، جنهن جو نالو ”سويرا“ رکيو ويو. اهڙي ريت اسان تنظيمن جي شڪل ۾ متحد ٿياسين. اداري پاران ٻڌايل هدايتن موجب هر 15 ڏينهن پاڙي سطح جي تنظيم جي گڏجاڻي ڪري بچت ڪرڻ سان گڏ ڳوٺ جي مڙني مسئلن تي ويچار ڪرڻ شروع ڪيو سين. جڏهن تہ انهن مسئلن جي حل ڪرڻ جون زميواريون پڻ ميمبرن تي رکيون ويديون آهن اهڙيءَ ريت اسان جا

ڪجهه مسئلا حل ٿيڻ لڳا آهن. بچت وسيلي ٻي پهچ، لاچار ۽ ضرورت مند غريب ڳوناٽين عورتن جي ڏکي وقت ۾ مالي سهائتا پڻ ڪئي ويندي آهي.

سرسو پاران تنظيمن نهڻ بعد ٻيو مرحلو شروع ٿيو ۽ بنا وياج جا قرض ڏيڻ شروع ڪيا. جڏهن ته اسان جي گهراڻي جو شمار پڻ غريب ترين گهراڻن ۾ شامل هو. مون به تنظيم جي گڏجاڻي ۾ ننڍي پيماني جي قرض جي گهُر ڪئي. اها درخواست وي او (VO) ڏانهن موڪلي وي او سرسو اداري ڏانهن قرض جي گهُر ڪندڙن جون درخواستون موڪليون اداري پاران ضروري جاچ پڙتال کان پوءِ اسان کي قرض ملڻ شروع ٿيا. مون کي -/20,000 هزاربنا وياج جو قرض مليو ۽ -/10,000 هزار سرندي وارن کان مالي سهڪار به ملي.



مان ۽ منهنجي مڙس جي گڏيل مشوري سان اسان هڪ استعمال ٿيل چنگچي رڪشا -/50,000 هزار روپين ۾ خريد ڪئي. -/30,000 هزار روڪ ڏنا ۽ باقي پئسا ماهوار قسطن ۾ طئي ڪياسين. اهڙي ريت اسان پنهنجو روزگار شروع ڪيو. جيئن ته اسان جو ڳوٺ خيرپور کان گهڻو پري ناهي تنهنڪري ڳوناٽن جي اڪثر اچ وڃ رهندي آهي. تنهنڪري ڳوناٽن جي سهولت ۽ پنهنجي روزگار کي نظر ۾ رکندي اها چنگچي ڳوٺ کان خيرپور هلائڻ شروع ڪئي آهي. چنگچي رڪشا مان ماهوار -/10,000 کان -/12,000 هزار بچت ٿئي ٿي. -/5,000 هزار قسط جي حساب سان ٿي قسطون ادا ڪري چڪا آهيون. هاڻي اسان جو گذر سفر پهريان کان چڱو ٿئي ٿو. منهنجو وڏو پٽ حفيظ الله پڻ پڙهڻ شروع ڪيو آهي. تنظيم جڙڻ کان پهريان ته مون کي پنهنجي ناناڻن تائين وڃڻ جي اجازت به نه هوندي هئي. هاڻي مختلف آفيسن ۾ ڳوٺن ۾ وڃي تنظيمي تربيتون حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ مختلف پروگرامن ۾ پڻ شرڪت ڪرڻ جي اجازت آهي. سرسو اداري ۽ حڪومت سنڌ جي تعاون سان اسان جي حياتي ۾ خوشگوار تبديلي نمايان ٿي آهي.

بختاور چيو ته آخر ۾ آءُ فقط ايترو ئي چونديس ته ٻهراڙي جي عورتن ۾ اڳواٽي ڪرڻ جون صلاحيتون موجود آهن. انهن کي تربيتون ڏئي ننڍي پئماني تي ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ مالي معاونت ۽ ڪاروبار ڪرڻ جون ترڪيبون ۽ مشورا ڏنيون وڃن ته اهو ڏينهن پري نه هوندو جڏهن اسان جا سمورا ڳوٺ خوشحال نظر ايندا.

*

# سنڌي ٻوليءَ جو وڌندڙ بگاڙ ۽ نئين پيڙهي

زبير سومرو

سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي تہ ”ٻارهين ڪوهين، ٻولي ٻي“. يعني، هر ٻارهن ڪوهن ڪان پوءِ ٻوليءَ جي لهجن ۾ ٿورو گهڻو ڦيرو هوندو آهي . هر ٻولي، پنهنجي آس پاس جي ٻولين کان اثر وٺندي آهي. سنڌي ٻولي بہ نندي ڪنڌ جي ڪيترين ئي ٻولين جا اثر قبول ڪيا آهن، جن ۾ عربي، فارسي، هندستان جون ڪيتريون ئي ٻوليون ڳڻائي سگهجن ٿيون. ٻوليون، نہ صرف ٻي ٻوليءَ (ڀاشا) جا اثر قبولين ٿيون بلڪ ٻولين اندر لهجي (اُپ ڀاشا) جو اثر پڻ قبول ڪن ٿيون. هر ٻوليءَ جو پنهنجو گهاڙيٽو، گرامر، اصطلاحي خزانو ۽ مزاج هوندو آهي. ٻوليءَ جي اندر وري، ان ٻولي جي ڳالهائيندڙ آباديءَ ۽ جاگرافيءَ جي حوالي سان مختلف لهجا ۽ اسلوب ٿين ٿا. دنيا جي اهڙي ڪابہ ٻولي نہ آهي جنهن جا بہ يا ٻن کان وڌيڪ لهجا نہ هجن. اهي لهجا مختلف سببن يا حالتن جي ڪري ٿي سگهن ٿا، جهڙوڪ: جاگرافي، ذات يا قبيلو، مذهب يا مسلڪ، سماج ۾ ٻين ٻولين ۽ لهجن جا اثر، معاشي يا اقتصادي، موسمي، ريتون رسمون، سياسي سماجي صورتحال، حڪمرانن جي ٻولي، لڏپلاڻ، قدرتي آفتون، تاريخي پسمنظر، ڌارين جا حملا ۽ ڪاهون، وغيره. مثال طور، اڪثر چيو ويندو آهي ۽ حقيقي طور تي مشاهدو بہ ڪري سگهجي ٿو تہ اتر سنڌ يعني شڪارپور، لاڙڪاڻو، سکر ۽ پاڙيسري علائقن جا ماڻهو طبيعت ۾ تکا، تکڙا، تيز ۽ پرپور هوندا آهن. جڏهن تہ لاڙ جي ضلعن يعني بدين، ٺٽي ۽ پاڙيسري علائقن جا ماڻهو ماٺيڻا ۽ ٿڌي مزاج جا ٿين ٿا. ان جو هڪ واضح سبب تہ موسم ٿي سگهي ٿو. سال جا ست اٺ مهينا پنجاهہ سينٽي گريڊ ۾ گذاريندڙ عوام مان ڪهڙي ٿڌي مزاج جي اميد رکجي.

ٻوليون بہ ڪائنات جي وجود جيان جيئنديون ۽ مرنديون آهن. انهن ۾ وقت سان تبديلي ايندي آهي. اهي ٻين تي اثر بہ ڇڏينديون آهن تہ ٻين ڪان اثر وٺنديون بہ آهن. انهن جو عروج بہ ٿيندو آهي تہ انهن جو زوال بہ ٿيندو آهي ۽ ٻين جيون جيان انهن جو موت بہ ٿيندو آهي. جڏهن کان انسان پنهنجي اظهار لاءِ ٻولين جو استعمال ڪرڻ سکيو آهي، تڏهن کان هزارين ٻولين جو جنم ٿيو آهي. اهي ٻوليون مختلف وقتن ۾ ۽ مختلف ماحولن ۾ انسان جي ضرورتن کي پورو ڪنديون رهيون آهن. انسان هن ڌرتي تي بہ کان ٿي لک سالن کان ٻولي جو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. اهي شروعاتي آواز رڳو هڪ ٻئي سان رابطي، مخالف جنس کي متوجہ ڪرڻ ۽ شڪار دوران هڪ ٻئي کي خطري کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ ڪڍيا ويا. پر پوءِ اهي آواز لفظن جو روپ ڌاريندا ويا ۽ لفظ جملن جو روپ ڌاريندا ويا. آهستي آهستي جملن جو هڪڙو مربوط سلسلو نهندو ويو ۽ پوءِ جملن ناهڻ لاءِ ڪي باقائدهہ اصول دريافت ٿيا ۽ اهڙي طرح ٻولين جي ارتقا ٿي. چاڪاڻ تہ لکت ۾ ٻولين کي محفوظ ڪرڻ جي روايت ڪي فقط ڪجهہ هزار سال ٿيا آهن. تنهن ڪري اهو چوڻ مشڪل ٿيندو تہ انهيءَ سموري عرصي ۾ ڪل ڪيترين ٻولين جنم ورتو. پر ٻولي جا ماهر اهو انگ محتاط اندازي موجب هڪ لک چاليهہ هزارن جي لڳ ڀڳ ٻڌائين ٿا. يعني ٻولي جي ظهور کان وٺي هيستائين مختلف دورن ۾، مختلف قومن، قبيلن ۾ ۽ مختلف علائقن ۾ هڪ لک چاليهہ هزار ٻولين جو جنم ٿي چڪو آهي. انهن مان مختلف دورن ۾ ڇهانوي سيڪڙو ٻولين جو موت ٿي چڪو آهي. هن وقت انهن ٻولين مان رڳو ڇهہ هزار جي ويجهو ٻوليون وڃي بچيون آهن. انهن ڇهہ هزار ٻولين مان بہ پنجويهہ سيڪڙو ٻولين جا ڳالهائيندڙ رڳو هزار کن بچيا آهن. جڏهن تہ پنجاهہ سيڪڙو ٻولين جا ڳالهائيندڙ فقط ڏهہ هزار کن آهن. ايترن گهٽ تعداد ۾ ڳالهائيندڙن جو مقصد آهي تہ ايندڙ وقت ۾ انهن ٻولين جو زندهہ رهڻ مشڪل آهي. ڪنهن بہ ٻولي جي قائم رهڻ لاءِ لازم آهي تہ انهيءَ جا گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک ڳالهائيندڙ هجن. ايترو انگ فقط دنيا جي ڏهہ سيڪڙو ٻولين کي ميسر آهي. يعني ڇهہ هزار ٻولين مان فقط ڇهہ سئو ٻوليون في الحال محفوظ چئي سگهجن ٿيون. ٻولي

جي ماهرن کي ڊپ آهي تہ ايندڙ هڪ صدي تائين دنيا جون نوي سيڪڙو ٻوليون ختم ٿي وينديون. سنڌن مطابق سراسري هر هفتي هڪڙي ٻولي جو موت ٿي رهيو آهي.

ڪنهن بہ قوم جي سڃاڻپ جي حوالي سان جڏهن تحقيق ۽ ڪوجنا ڪئي وڃي ٿي تہ سڀ کان پهريان ان قوم جي ٻوليءَ کي مرڪز بڻايو وڃي ٿو ۽ ان ڳالهہ مان اهو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو تہ ٻولي جي ڪيتري اهميت آهي. ٻولي فرد کي پنهنجي ذاتي سڃاڻپ ڏئي ٿي ۽ هُن ۾ پنهنجي ذاتي گڻ جي موجودگيءَ ۽ ان جي واڌ جو احساس پيدا ڪري ٿي. ٻولي فرد لاءِ ۽ قوم لاءِ، دنيا ۾ ۽ گڏيل انساني زندگيءَ ۾ پنهنجي مخصوص جڳهہ پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ مڃيل ۽ ثابت ٿيل تمام وڏو ۽ سگهارو وسيلو آهي. جڏهن ڪا قوم پنهنجي شخصيت کان باخبر ٿيندي آهي، تڏهن ان جو پهريون ڌيان پنهنجي تاريخ ۽ پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن ويندو آهي“.

ٻولين ۾ انهن جي مختلف لهجن جو ڄاڻايل سبين جي ڪري، هڪٻئي جو اثر وٺڻ نہ صرف فطري آهي بلڪ ضروري پڻ آهي، چوتہ لفظن جي ذخيري، محاورن، اصطلاحن ۽ پهاڪن جي مٽا سٽا کان سواءِ ٻوليون اسرڻ جي عمل کان قاصر رهجي وينديون ۽ ترقي نہ ڪري سگهنديون. اهڙي قسم جي تبديلين کي ٻوليءَ جو لهجو چئي سگهجي ٿو. ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ سبب، ان قوم جا ماڻهو ۽ وطن سڃاتا ويندا آهن. زبان انساني عمل ۽ جدوجهد ۾ هر موڙ تي سندس سات ڏيندڙ آهي. اها سماجي، ثقافتي ۽ شعوري اتحاد ۽ اتفاق حاصل ڪرڻ لاءِ هڪڙو بهترين ۽ سگهارو ذريعو ٿيندي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي شڪارپور واري لهجي جو پنهنجو هڪ منفرد مزاج آهي، جنهن جي پويان ”سنڌ جي پئرس“ سڏجندڙ غير معمولي تهذيب جو عڪس آهي سنڌي ٻوليءَ جو شڪارپوري لهجو پنهنجي بناوت ۽ ادائگيءَ ۾ ڪمال جي حيثيت رکي ٿو. هن لهجي جون پنهنجون خاصيتون ۽ گڻ آهن. سنڌي ٻوليءَ تي لکندڙ مڙني ليکڪن شڪاپور جي لهجي جي ساراهہ جا ڍڪ ڀريا آهن. ڪاڪي ڀيرو مل جي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ ۾ سندس ڏنل راءِ مان شڪارپور جي لهجي جي شاهوڪاريءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

”ٻولي تہ شڪارپور جي! جهڙي آهي سپڪ ۽ سوادي، تهڙي آهي مني ۽ رسيلي. واهہ جو منجهس ميناج آهي. انهيءَ ٻوليءَ سان سنڌ جي ٻي ڪهڙي بہ هنڌ جي ٻولي ميناج ۾ مٽ پئجي ڪين سگهندي. ٻين هنڌن جي ٻوليءَ کان شڪارپور جي ٻولي جنهن سبب ڪري رس چس ۾ سرسُ آهي، سو سبب مثال ڏئي سمجهائجي ٿو: .

’شڪارپوري چون، پاڻڙا، هتڙي ويهو!‘- هتي ’ويهو‘ جي پڇاڙيءَ ۾ پيش ( ـُ ) يعني’اُ‘ جو اچار آهي. شڪارپور انهيءَ تي زور ڏئي ان جو اچار اهڙي طرح ڊگهو ڪن ٿا، جو ڄڻڪ فقط اُچار آهي ويهہ + اُ. ائين اچار کي برابر ڊگهو ڪن ٿا، ٻين هنڌن تي چون: ’اُٿ نہ، هل نہ‘، پر شڪارپوري چون - اُٿ ني، هل ني)“ .

شڪارپوري لهجي جو نہ صرف اُچار يا چَوَت نرالي آهي بلڪ هن لهجي ۾ ڪجهہ لفظن جو ذخيرو (Vocabulary) پڻ مختلف آهي. جيڪو سنڌ جي ٻين علائقن جي ماڻهن کي سمجهہ ۾ نہ ايندو. اهي لفظ اڄ بہ شڪارپور جي گهر گهر ۾ عام ڳالهايا وڃن ٿا. مثال طور: ڏاڏر، ويسُورو، آجا پاجا، آڍ، آڍڙو ٻيڍڙو، هاڄارو، حَيو، نِنائين، ٻاٻُرڪُتو، ٻَئنش، ننهسُسڙو، سونائتو، آڪڙ، آرايُون، پِٽُ، بودِ، اُندَ، پوتڙو، پانپ، گهوگهِ، ڊِڍُ، پيُ، ڪُنبُ، ڏُنبو، ڏوگهو، ڳِرڻ، ڏوڏا، سَينڌ، ڪِر ڪِر، ڪاڪاڙي، ماتو، لِڳڙو، ويڳُ، ليٿ، وَجهُ، مُچو، ٻُدٻُدو، وِيٽي، لاڪُون، تاڪُون، جاڪُون، ڪُوڪان، چِيٽان، ڪَيس، باڪَس، پيهہ، ڏانوڻ، ڏيبُ، جائي، اَڳوپو، اوتار، پَندڻ وغيره).

عام طور تي سنڌي ٻوليءَ ۾ واحد جي آخري اکر تي پيش هوندو آهي، مثال: هٿُ. هاڻي ان واحد کي اگر جمع ڪجي تہ ان جي آخري پيش واري اکر تي زبر ڏي جمع ڪبو، جيئن : هٿَ. اهڙي طرح ’انبُ‘ جو جمع ’انبَ‘.ساڳي طرح زبر واري واحد جي آخر ۾ ’اون‘ جو آوز ڏئي ان کي جمع بڻايو ويندو آهي. مثال: ’ڪٽَ‘ جو جمع ٿيندو ’ڪٽون‘. پر شڪارپور ۾ ’اون‘ جي آواز جي بدران ’آن‘ ڏئي ’ڪٽان‘ ڪيو ويندو آهي.

سنڌي ٻولي دنيا جي مهذب ٻولين مان هڪ آهي، جنهن جي تاريخ پنج هزار سال پراڻي آهي، جنهن وٽ قديم ادب سان گڏ جديد ادب جو پنڊار موجود آهي. موجوده دَور ۾ سنڌي ميڊيا ۾ ٻوليءَ جو استعمال جيڪو ٿي رهيو آهي اهو اوهان سڀني جي سامهون آهي. اخبارن، رسالن ۽ ان سان گڏ اليڪٽرانڪ ميڊيا چئنل تي استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جو جيڪو معيار ۽ ماپو آهي، اهو ڏسي ڪري پنهنجي مٽي کي ڏک ھٽڻا پون ٿا.

ايتري سياسي سجاڳي ۽ صحافتي سرگرمي هوندي به، تعجب هي آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ جا سونهن سوڀيا اڄڻ گهربي هئي سا اجا سوڌو ڏسڻ پسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. نوان لفظ ايجاد ڪرڻ يا ڌارين اکرن جي استعمال ڪرڻ تي ڪا بندش نه آهي، پر شرط هي آهي ته پنهنجي ٻوليءَ ۾ جڏهن ڪا ڪوٺ هجي يا اٽاٽ، ته پوءِ سڀ ڪجهه جائز آهي، چوندا ڪيئن آهن ته ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي.

ٻوليءَ جي هاٺوڪي بگاڙ ۾ جنس جو غلط استعمال سرفهرست آهي. خاص طور جڏهن جملي ۾ ڌارين ٻولين جا اکر ڪتب آندا ٿا وڃن. مثال طور ”آپريشن“ انگريزي اکر آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڊاڪٽري وڍڪٽ، جراحي يا ڪارروائي. جنس جي لحاظ کان هي لفظ مؤنث طور ڪتب ايندو آهي، پر اڄڪلهه هن لفظ کي جنس مذکر طور عام استعمال ڪيو ٿو وڃي ته ”آپريشن“ ٿيندو يا ڪيو ويندو. آپريشن هميشه ٿيندي آهي يا ڪئي ويندي آهي، نه فقط آپريشن پر اهڙا هڙئي انگريزي اکر، جن جي پڇ ۾ ”ش“ لاڳو ٿيل آهي، سي سڀيئي جنس مؤنث ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن، جيئن ٽرانسليشن، ڊڪٽيشن، ڪوآپريشن، سيپريشن، وغيره. هي اصول سڄاڻ استادن اڳي ئي طئي ڪري ڇڏيا آهن. هن ڏس ۾ فقط هي چوڻ ڪافي نه آهي ته لاڙ ۾ اسان وٽ آپريشن ٿيندو آهي، نه وري هي ڪو مناسب دليل آهي ته ڊاڪٽري آپريشن ٿيندي آهي، باقي ملٽري آپريشن ٿيندو آهي.

جنس جو دارومدار لفظ جي ذاتي حيثيت ۽ نوعيت تي آهي، جيئن آچر جو چولو، آچر جي قميص، آچر جو بوٽ، آچر جي جُتي، قلم سنو آهي، پينسل سني آهي، چاقو مُنڊو آهي، ڪاتي تکي آهي، ڪانين ڌارڻ جو ڪهاڙو، لام وڍڻ جي ڪهاڙي، خبر ملي آهي، خيال چڱو آهي، اخبار آئي آهي، رسالو شايع نه ٿيو آهي، صورتحال سني آهي، فرياد داخل ٿيو آهي، اسيمبلي اجلاس اجا ٻه ڏينهن هلندو، اليڪشن ٿيندي، وغيره.

اهو بحث حقيقت ۾ نئون ڪونهي. هن صديءَ جي اوائل ۾، جڏهن کان سنڌي ٻولي وڏ ۾ وڏ تحريري شڪل ۾ آئي آهي، تڏهن کان ان ڏس ۾ خيالن جو اظهار ٿيندو رهيو آهي. شروع کان وٺي اسان جا سينيئر، هر نئين ليکڪ يا صحافيءَ هٿان استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ تي ٽيڪاٽپڻي ڪري ڳڻتي ظاهر ڪندا رهيا آهن، جيئن اڄڪلهه ٿي رهيو آهي. سو، اهو هڪ تسلسل آهي ۽ انهيءَ جو بنيادي مقصد پنهنجيءَ ٻوليءَ جا اصل روح، انفراديت ۽ شڪل کي قائم رکڻ آهي.

ٻولين ۾ بگاڙ جو مسئلو سڄيءَ دنيا ۾ آهي. دنيا جي ڪابه ٻولي اهڙي ڪانهي، جنهن ۾ بگاڙ نه آيو هجي. بگاڙ ان لحاظ کان چيو وڃي ٿو ته انهن ٻولين ۾ دنيا جي مختلف ٻولين جا لفظ شامل ٿيندا وڃن ٿا، خاص طور تي انگريزي ته ان لحاظ کان وڏيڪ بگڙيل چئبي، جيڪا دنيا جي هر خطي ۽ قوم سان لهه وچڙ ۾ اچي، ڌارين ٻولين جا بي شمار لفظ پاڻ ۾ سموئي، هڪ بين الاقوامي ٻولي ٿي وئي آهي. انگلينڊ جي ننڍڙي ٻيٽ تان ڦُٽل اها ٻولي، اڄ دنيا جي هر خطي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر ان جو اصل روح ختم نه ٿيو آهي. يورپ ۽ آمريڪا ۾ سِڪ ٽيڪسي ڊرائيورن جو انگريزي ڳالهائڻ جو انداز مختلف هوندو، ته ڏور اوپر ايشيا يا آفريڪا ۾ اسٽائل الڳ هوندو، ڪٿي اڌ اکري ڳالهائي ويندي آهي، ته ڪٿي ماڻهو انگريزيءَ کي چٻاڙي ڳالهائن ٿا. ورڪنگ ڪلاس جي ٻولي هڪڙي آهي، ته پڙهيل لکيل طبقي جي ٻي. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ يا وڌاءُ ناهي ته شيڪسپيئر جي زماني جي انگريزي اڄ نه رهي آهي ۽ نه ئي اڄ جو عام ماڻهو ان کي پڙهي يا سمجهي سگهي ٿو، جيئن پٺائيءَ جي زماني جي سنڌي ٻولي اڄ جي سنڌيءَ کي ٿوري ڏکي لڳي ٿي، پر فرق اهو آهي ته انگريزي ٻوليءَ ۾ وڏو ڦيرو اچڻ جي باوجود ان جو گرامر نه بدليو آهي، ان ۾ جنس ۽ جَمع واحد جا اصول نه ڦيريا ويا آهن، جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ سان اهڙو ڪيسُ

ڪيو پيو وڃي، جو ٻين ٻولين مان لفظ ڪٽي، ان کي امير بڻائڻ ۽ سنڌيءَ جي مروج لفظن کي اجا وڌيڪ نيٺ بڻائڻ جي چڪر ۾ ٻي ڏنگا لفظ ناهڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر، جنس ۽ جمع واحد جي اصولن ۽ قاعدن کي ئي پاسيرو اُڇلايو ويو آهي. مڄون ٿا ته وقت گذرڻ سان گڏ ٻوليون Refine يعني ڇنڊجي ڇاڻجي، صاف ٿي، ساديون ۽ سلوڻيون ٿين ٿيون، پر ٻوليءَ کي سادو ۽ سولو بڻائڻ جي چڪر ۾ ان جي روح کي ته ختم نه ڪجي!

اخبارن ۾ لاڳيتو اردوءَ جي حساب سان لکيو ويو ته "سياڻي سج گرهڻ ٿيندو" يا "اڄ سج گرهڻ ٿيندو." اردوءَ ۾ "سورج گرهن هوگا" انهن جي گرامر جي حساب سان ته صحيح آهي، پر سنڌيءَ ۾ سج گرهڻ مذڪر بدران مؤنث ٿيندي، ڇو ته، گرهڻ جي "ڻ" جي هيٺان زير اچي ٿي. سنڌين ۾ اها عادت ايتري پختي ٿي چڪي آهي، جو جڏهن اولاد جو ذڪر ڪن ٿا ته اردوءَ جي جملي "ميري اولاد" جو ترجمو ڪري "منهنجي اولاد" لکن ۽ ڳالهائن ٿا. جڏهن ته اولاد جي "د" تي پيشُ ڏجي يا زبر، اهو مذڪر ئي رهندو. مثال طور "منهنجو اولادُ" يا "منهنجي اولاد کي" سنڌيءَ ۾ بگاڙ جا نمونا گهڻا ئي آهن. مثال طور اڄ ڪلهه دُڪان جو جمع دُڪانون، لفظ جو الفاظ، لاش جو جمع لاشون، ڪلاس جو جمع ڪلاسون، افواهه جو جمع افواهون لکيو ۽ ڳالهايو وڃي ٿو.

اڄوڪي دؤر ۾ ٻوليءَ جي بقا جون ضامن ان ٻولي ۾ شايع ٿيندڙ اخبارون آهن، جيڪڏهن اخبارن پنهنجي عملي حيثيت جو اندازو نه لڳايو ۽ ٻوليءَ جي بيهڪ بناوت ۽ اچارن سان هٿ چراند جو سلسلو جاري رکيو، ته ٻولي پنهنجي شڪل تبديل ڪري سگهي ٿي. ان لاءِ ضروري آهي ته اخبار کي ان ٻوليءَ جي درسي ڪتابن واري ٻوليءَ جي معيار مطابق شايع ڪرڻ گهرجي. مثال طور سنڌي درسي ڪتاب حيدرآباد جي نيٺ ۽ صاف شفاف سنڌيءَ ۾ لکيا ويندا آهن ته اخبارون به اُن لهجي ۾ شايع ٿيڻ گهرجن. جيتوڻيڪ لاڙ ۽ سري توڙي شهري ٻوليءَ جو ڌار ڌار لهجو آهي پر اخبار کي ان جو محتاج نه بڻايو وڃي.

ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم هڪ ڀيري سنڌيءَ ۽ اردو کي ڀيٽيندي، ڏاڍي پروسي سان چيو هو ته "اردوءَ ۾ 'دل' مذڪر ۽ 'ڪتاب' مؤنث آهي، جنهن جو ڪوبه منطق ڪونهي ۽ سنڌيءَ ۾ ان جي اُبتڙ 'دل' مؤنث ۽ 'ڪتاب' مذڪر آهي، جائي ڳالهه سچي آهي ته سمجهه ۾ به اچي ٿي." پر، افسوس جو تازو مون هڪ ناميارىءَ روزاني سنڌي اخبار ۾ اردو وانگر "ڪتاب" کي مؤنث ۽ "دل" کي مذڪر جي صيغي ۾ ڪم آندل پڙهيو. اهڙيءَ ريت "توجهه"، "دليل"، "تاڪيد"، "اُمنگ"، "نظم"، "فرياد"، "داد" ۽ ٻيا ڪيئي لفظ جي پڌري پٽ اسان وٽ مذڪر آهن، اڄ اسان جي ڪن اخبارن ۽ رسالن وغيره ۾ مؤنث وانگر پيا لکجن.

اردوءَ جي اثر هيٺ، ڪيترائي اسان جا لفظ مذڪر بدران مؤنث ۾ مؤنث بدران مذڪر ۾ ڪم ايندا رهن ٿا ۽ اسان جي ٻوليءَ کي بنيادي ڌڪ لڳندو رهي ٿو.

ٻولي کي بگاڙ کان بچاءَ لاءِ اسان کي تڪڙا قدم کڻڻا پوندا ۽ اخبار، ريڊيي، ٽيليويزن تي اسان کي معياري لهجو آڻڻو پوندو. اڄڪلهه ايف ايم ريڊيئي وارن سنڌي ٻولي سان ويڌن ڪئي آهي، پروگرام جا ميزبان ڳالهين ڳالهين ۾ چئي ويندا آهن ته "اڄ موسم سنو آهي" جيڪو صحيح هن طرح آهي "اڄ موسم سني آهي"، "ڏاڍي سُني نظم آهي" جيڪو صحيح هن طرح آهي. "ڏاڍو سنو نظم آهي." اهڙيءَ طرح اهڙا مثال گهڻا ڏئي سگهجن ٿا. سنڌي ٻولي گرامر جي خيال کان، گهڻيءَ حد تائين، هڪ پوري قاعدي واري ٻولي آهي. اُن جا اسم، ضمير، صفتون، ظرف ۽ فعل هميشه عدد، جنس ۽ حالت سان گڏ پنهنجي صورت بدلائين ٿا. لفظن جو هيءُ ڦيرو يا گردان سيني ٻولين ۾ سندن پنهنجي پنهنجي گرامر جي قانون هيٺ ٿئي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ هيءُ گردان لازمي طرح ڪرڻو پوي ٿو. افسوس جو اسان جا ڪي ليکڪ، ٻين ٻولين جي اثر هيٺ، پنهنجي ٻوليءَ جي بنيادي ڳالهه کان بي خبر يا لاپرواهه بڻجي ويل ڏسجن ٿا. اچو ته پنهنجي اباڻي ٻوليءَ کي بگاڙ کان بچائڻ لاءِ پنهنجو قومي ڪردار ادا ڪريون.

*




# سندھ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس شکارپور روڈ سکر

فون 071-56271820 فیکس 071-5627182-111

ویب سائیٹ www.srso.org.pk